پرينءَ جي پار

(گيتن جو مجموعو)



ليکڪ : ڪشور ڀوڄا "جيون"

سال - ١٩٩٩ قيمت : ٢٥ رپيا

پرينءَ جي پار

(گيتن جو مجموعو)



ليکڪ : ڪشور پهوجا ''جيون''

سال - ١٩٩٩ قيمت : ٢٥ رپيا

رويراج پبليڪيشن

1/145، پرتاپ نگر هائونسگ بورڊ ڪالوني،

اُديپور- 313 001

PRIYUN JE PAAR

(COLLECTION OF SONGS)

Poet :

KISHOR PAHUJA "JEEVAN"

Publisher :

RAVIRAJ PUBLICATION

1/145, Pratap Nagar Housing Board Colony,

UDAIPUR-313 001.

Computer Type Setting & Printed by :

MANISH OFFSET,

A/64, Opp. Gol Maidan Sabzi Market,

ULHASNAGAR-421 001.

TEL. : 54 15 70

Year of Publication : Jan. 1999

Price : Rs. 25/-

پرينءُ جي پار

(گيتن جو مجموعو)

راجستان سنڌي اڪادمي، جئپور جي اِمداد سان ڇپايو ويو آهي.

ان لاءِ مان اڪادميءَ جي اڌڪارين جو آڀاري آهيان.

- ڪشور پهوجا ''جيون''

पिरीअं जे पार

(गीतों का संग्रह)

राजस्थान सिंधी अकादमी, जयपुर के आर्थिक अनुदान से प्रकाशित किया गया है।

अत: मैं अकादमी के अधिकारीयों का हार्दिक आभारी हूं।

- किशोर पहुजा ''जीवन''

ليکڪ جي قلم مان.....

شِو-شڪتي :

منهنجو وشواس آهي ته هن برهمانڊ ۾ ڪا نه مها شڪتي آهي، جا وِشوَ چڪر کي نيمت روپ سان هلائي رهي آهي. هڪ سال جي چڪر ۾، آڪاش ۾ سوريه ۽ چندرما نيم سان اُڀرن ۽ لهن ٿا. اونداهي راتين ۾ انيڪ تارا ۽ ستارا ٽمڪن ٿا. گِرهن جو هن برهمانڊ جي جيو-جنترن، پرٿوي ۽ آڪاس تي پڻ اثر پوندو. چار مندون ٿين ٿيون. پرٿوي ۽ آسمان ۽ ٻين قدرتي چيزن جو روپ بدلجي ٿو. هوائون رُخ ڦيرائين ٿيون. آڪاس مان پاڻي ٽپڪي ٿو. ڪڏهن وسڪارا نه ڪڏهن مُوسلاڌار بارش، ڪٿي سوڪ نه ڪٿي ٻوڏ! قدرت پنهنجا ڪرشما ڏيکاري انسان کي حيرت ۾ وجهي ٿي ڇڏي. ويدن ان مهاشڪتيءَ کي 'شِو-شڪتي' نالو ڏنو آهي.

چار يُگ :

شروعاتي دوُر کي 'ست يگ' جو نالو ڏنو ويو. ان يُگ ۾ ڪا ڪمي نه هئي. ڪوُڙ پاپ ڪونه هو. اهو يُگ سداچار جو يُگ هو. بعد ۾ ان ۾ ڪجهه موهه، اهنڪار پئدا ٿيو نه ڪوڙ ڪپٽ ۽ بغض کي جاءِ ملي. ان کي ''ٽريتا-يُگ'' ڪوٺيو ويو. جڏهن اڃا به سوارٿ وڌڻ لڳو، ظلم ۽ اتياچار ٿيڻ لڳو نه ان

☆ فهرست ☆



سنڌي جاتي :

سنڌي جاتيءَ تي انهن سڀني سَرو شڪتين ۽ اوتارن جو اثر آهي. هوُ ڪنهن بہ هڪ مت جا پوئلڳہ نہ آهن. نہ صرف ديوي ديوتائن کي مڃين ٿا پر سڀني اوتارن جي پوڄا ڪن ٿا. سڀني سنتن، جن بہ ساڌنا ڪئي آهي تن، کي پڻ ڳرُ ڀڏ ڏيئي، پنهنجو سيس جهڪائين ٿا. مٿائن صوفي سنتن جو پاڻ وڏيڪ اثر آهي. اُنهن بابت جيون ڪٿائون، شبد، ڀڄن، گيت وغيره چت سان ٻڌندا ۽ هنڊائيندا آهن، ڌرمي آستانن، مندرن ۽ گردوارن ۾ وڃي سندن جيون ڪٿائون شوق سان ٻڌندا آهن ۽ ڪيترن ئي هنڌن تي ڏالن جا ستسنگہ پڻ چالو آهن، ۽ ورهاڱي بعد تہ امرلعل-جهولڻ جي پوڄا وڏندي پيئي وڃي.

منهنجو ڪويتا ڪيتر ۾ پستڪ :

مون بہ جڏهن ساڌ-سنگت ۾ اچڻ وڃڻ شروع ڪيو تہ ڌرمي خيالن ۽ ويچارن کي پنهنجي سنڌي سرل ٻوليءَ ۾ قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. گذريل ڇئن-پنجن سالن کان مون نہ صرف غزل لکيا آهن، پر وقت بہ وقت دوها-سورٺا، چوپايون ۽ گيت-ڀڄن پڻ لکندو پيو اچان. ١٩٩٦ ۾ ''جيون-جوت'' مجموعي ۾ مون فقط غزل ئي شايع ڪرائي پاڻکن اڳيان رکيا هئا؛ جن بابت ڪافي اديبن ۽ شاعرن وٽان همت افزائيءَ ڀريا پتر مونکي پهتا هئا. نموني طور دوها-سورٺا، قطع، تہ سٽا ۽ پنجڪڙا پنهنجي ڪهاڻين جي مجموعي ۾ پڻ ڏنا هئا. اُنهن

کي ''دواپر-يُگ'' ڪوليو ويو. مگر هاڻ ڪئي سالن کان ''ڪل-يُگ'' هلي رهيو آهي.

ڦرندڙ چڪر :

مطلب زماني جو چڪر ڦرندو ئي رهي ٿو. پاپ ۽ پنج ساڻ ساڻ هلندا رهن ٿا. پاپين کي، اسُرن، راڻوڻ، ڪنس ۽ دئتي شڪتين سان پيٽ ڪري اُنهن جي ننداڪئي وڃي ٿي ۽ سداچارين کي رام، ڪرشن، رشين، منين، مهاتمائن گوتم، مهاوير ۽ ٻين مهاتمائن سان پيٽ ڏيئي ڳڻ-گان ڪيو وڃي ٿو!

ڌرمي پوڄا :

هزارين ورهيه گذري ويا آهن، انسان پنهنجي حفاظت ۽ سک لاءِ ڪي نه ڪي سهارا پئي ڳولهيا آهن. اوائلي زماني ۾ سوريه، چندرما، ديوي ديوتائن، ناگن وغيره جي پوڄا ڏيکاري ويئي آهي. بعد ۾ شِو-شڪتيءَ کي نرگڻ روپ ۾ پوڄيو ويو آهي. سگڻ روپ ۾ برهما، وشنو، مهيش جي پوڄا ڪئي ويئي. ديوي ديوتائن، ڪالي ماتا، درگا ماتا، امبي ماتا، لڪشمي ماتا، سرسوتي ماتا ۽ گڻيش ديوتا ڪانسواءِ رام، ڪرشن، پون پُتر هنومان وغيره کي اوتارن جي روپ ۾ مانيتا ملي، ۽ هاڻي ڪلجگ ۾ مهاوير، ٻڌ، گرونانڪ ديو وغيره مت-ڌارين کي پڻ مڃيو پيو وڃي.

دوھا سورٺا

١- سائين پنهنجي پيار جو، پيالو ڏيم پري،
چت جو چاڪ ڀري، دکڙا سيئي دور ٿين.

٢- سائين پنهنجي مهر جو، مونتي مينهن وساءِ،
پنهنجي هڏن هلاءِ، محتاج رهان نا کنهنجو.

٣- ڪام، ڪروڌ ۽ موھ، آھ وڇائي جار،
جار ڪَلي ڪَرِ پارِ، پوُ ساگر مان پاڻتي.

٤- اهم وڇايو هوش آ، منهنجي وَسِ من ناھِ،
سهج جي بتاءِ راھ، ستگر واھِرِ ڪَرِ اَچي،

٥- چمڪ ڏمڪ جڳ موهيو، لڳي ٿو پيارو پوڳ،
آھ وَرايو روڳ، ڪام ڪُسنگين وَس ڪيو،

٦- وشيہ واسنا جي جڪڙ، ٻختي ڪيڏي آھِ،
ٻيلن کي سُڌهه ناھ، ستگر شل سهائي ٿئي،

٧- ٻن چاھن جي ٿي وَڏي، وشيہ وڪارن زورُ،
مايا موھ جي ڏور ''جيون'' ڪلڻ آ مشڪل،

بابت بہ ڪن برک شاعرن وٽان اُتساھ ڀريا رايا مليا هئا.

ٻال ساهت کي يوگدان :

۱۹۹۵ ۾ مون ٻال ساهت جي يوگدان لاءِ ’’سچ جي جئہ‘‘ پستڪ پيش ڪيو هو، جنهن ۾ مهاڀارت جي ڪٿا کي چوٽپاين ۾ سرل ۽ سولي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو هو ۽ ۱۹۹۷ ۾ ’’ايوڌيا ڪانڊ‘‘ پڻ ساڳئي خيال ڪان چوپاين ۾ پيش ڪيو، جيئن نئين ٽهيءَ کي ڌرمي ڪتابن سان لڳاءُ ٿئي ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ پڻ چاھ وڌي. انهن ٻنهي ڪتابن کي اسڪولن ۾ ٻارن کي پڙهايو وڃي تہ وڌيڪ لاڀدائڪ ٿيندو ۽ منهنجي محنت پڻ سڦل ٿيندي.

هن سال مان اديبن، پاٺڪن ۽ سڄڻن اڳيان، دوها-سورٺا، قطع، تہ-سٽا، چوپايون ۽ ڪجھ ڀڄن پيش ڪري رهيو آهيان. مونکي پوري اُميد آهي تہ اهي توهان کي ضرور پسند پوندا ۽ پنهنجا رايا اُدارتا سان جلد موڪليندا تہ شڪرگذار رهندس.

پتو : ۱/۱۲۵، شيوا ۾،
پرتاپ نگر هائوسنگ ڪالوني، ڪشور ڀوڄا ’’جيون‘‘
اُديپور (راجستان)- ۳۱۳۰۰۱.

١٥- پاپُ رکي جو من ۾ ، ٿيو جو تلڪ لڳائي ،
آهه اَصل ۾ حيوان ، پرَ ديوتا سڏائي !

١٦- ڪامَ وسي تو منَ ۾ ، جوڳي جوڳُه پڇائي ،
ڌرم جي نالي ۾ پيو ، ڪرم ڪُڌا ڪمائي !

١٧- ڪُتن جيان ٿيءُ لوڏن ، ڪيئي لوڀي لوپي ،
پاڻ پڌائي لئه ڏِسُ ، پاڻِ ڪيڏا پاپي !

١٨- اوچو سڀ کان درجو ، جڳ ۾ ماتا جو آ ،
ڪين قدر پرَ سمجهن ، ويچاري هِنَ جڳه جا !

١٩- واتُ بگهڙُ جيئن کولي ، ويٺو شڪاري آهي ،
لوُمڙَ بچي نه ويندا ، خير ٻين جو ناهي !

٢٠- ڪرسي خاطر جڳه ۾ ، ڪرم ڪُڌا پيا ڏسجن ،
نشو اِهو وڏو آ ، ڪم پاڳل جهڙا ڪن !

٢١- ڪيئن ڪري ڪو پوڄا ؟ مندر ۾ بند ڀڳوان !
بن ڏڪڻا پوڄاري ، ڪين ڪرائي درشن !!

٢٢- نانو ٿليان پيو جڳه مري ، وقت چڙي ميساري ،
''جيون'' نام سچي کي ، مورکه ڇڏن وِساري !

۸- چوڙ ھجي يا چاڪي، پنھنجو مطلب کھڙو ؟
شرڪ منھنجي جو اَچي، تنھنکي پايان پاڪي !

۹- لُلي پيو ڪوئي عَصمت، پنھنجو مطلب کھڙو ؛
مان تہ فقط آن اُنجو، رکي جو منھنجي عزت !

۱۰- مان جاپاني جادو، ديس سان مطلب کھڙو ؟
کيل تماشو پيشو، سڀ کي ڪَريان قابو !

۱۱- منھنجو نالو مَداري، حِرفت سان ڪَمايان ؛ —
مورکہ سيکي بڻايان، عقل ڪَسي کيان پالھو !

۱۲- سياسي بندر آھيان، روٽي ڪانوان سٽيي ؛
سکا لکر ڏيان سيکي، مورکہ منش وڙھايان !

۱۳- مُفلس ڏکئي ٻکئي جي، ياري پوي مھانگي ؛
خوش حالي مان آھيان، زردار ڏني پُشتي !

۱۴- چمچاگيري بِنِ ڪَمُ ، لٽي ڪين لو ڪنھنجو ،
آکڙ جَڏِ لون "جيون"، چيہ جاپ فقط ہي ھر !

٢١- موڃ تو مالڪ چاهي ، چاهه نہ گهلجي پوڳي ،
رَسُ ۽ چاٽ کپي تي ، عمر رهي پل روڳي !

٢٢- تلڪ لڳائي مستڪ ، سا سڏائن کيئي ،
پيٽ جي پوڄا خاطر ، گيڙو پائن ڪلني !

٢٣- ڳر پڌ پالڪ چاهن ، ڪيئي سانگ رچائن ،
چانگہ رکن چيلن جي ، پالڪ کي خوب پڏائن !

٢٤- سُر ، لئہ، تال نہ ساڌي ، راڳُہ نہ راڳي جاڻي،
واهہ، واهہ، جي ڀڪہ جنهنکي، چلن جي محفل چاهي!

٢٥- حسن تو پڙدو چاهي ، ڪوجهو خوب سينگاري ،
سيِرت جنهنکي ناهي ، ڪنهن کي ڪين لُڀائي !

٢٦- بنِ ڀيلا جي درشن ، پريو ڏکيو مِليتو ،
ڏنَ جو لوڀُ پڄاري ، تون پڻ آهين اُنجو !

٢٧- شُکہ ڪان وَڌِ هِتِ ڏُکہ آ ، کهڙو چئي کهڙو چوان ؟
قلم کي طاقت ناهي ، شڪتي پڻ کانہ زبان !

٢٨- پڳون تنهنجي مايا ، سڀ جو مَنُ هِرڪائي ،
"جيون" کي ڏي شُمتي ، تو ۾ ڌيان لڳائي !

٢٣- سمجهہ ڪان ٻاهر مُنهنجي ، ٻڳون تُنهنجي مايا ،
نرگُڻ ٻالڻ رهين ٿو ، سگڻ روپ ۾ ڇايا ۔

٢٤- گُلن جا رنگ نرالا ، خوشبو ٻنِ ۾ ٻنهنجي ،
روپ نِرالو سڀَ جو ، سُگنڌ سڀن ۾ تُنهنجي !

٢٥- وَلن جون لامون جهومن ، هوا جو جهونڪو ٻالي ،
جيئن وِڄهن تَر ناريون ، ڏار ۾ جهولو جهولي !

٢٦- ٻاڙ نرالا ڏسجن ، سڀَ جي چال نرالي ،
ڪِرتِ ڪري ٿو سائي ، جنهنڪي وڻيتو جيڪي ۔

٢٧- پنڊت پڙهي ٻل پوٿيون ، گيان ملي نا جوتي ،
جيسين مَنُ آ چنچل ، ڪيئن مِلي پوءِ مُڪتي ؟

٢٨- قولُ ٻلو هڪ شرڌا ، پسند پوي ٻڳوان ٿو ،
جنهن وٽ نوڙت جيڏي ، اوڏو رهيتو ويجهو ۔

٢٩- جوڳي بڻجي ٻوڳي ، مايا موُهہ لڳائي ،
پوءِ ڪيئن رنگ لائي ، جيسين موهُ نہ تياڳي ؟!

٣٠- ميلا لڳن ٿا ڪيئي ، منش وَڃي ٿو ٻلڪي ،
مايا رَچي تماشو ، سُڌ ٻڌ ڪسي وَلي لي !

٤٧- وسيع آهن دائرا ، منش ڀهي ڪان ٻاهر ،
وَس ۾ ھڪ جي لئي ، ٻرواز ڏين ٿا ٻيا.

٤٨- جڳ ۾ جاهل پيا وَڌن ، سنت رهن نرليپ ،
جاهل ماڻن راڄُ ، عاقل ٿا دَر دَرِ پنن !

٤٩- ڪانون جي محفل لڳي ، هنسن پاسو ڪيو ،
بي-سُرُ گونجي ٿارَ ، ڪوئل ڀڙَ پائي ڀڳي !

٥٠- شوق لڳائي آئہ دِلِ ، ڪوڙ ٻڌيو سينگارُ ،
ڪوجھو سھڻو لڳي ، مات ڪري نَقلي اَصُل ؛

٥١- باغن ۾ اڄ ڳُل ڪِٿي ؟ ڪين رهي سُرهاڻ ،
سُرهاڻ تي پڻ حق ، زردار جو اَڄُ رهي !

٥٢- قانون ڪري ننڍ ٿو ، وڌندو رهي گناھ ،
پڪڙجن بي گناھ ، هلندو رهي سِلسِلو !

٥٣- عورت هٺي اَڄ دَمُ ٿي ، حق هِڪجھڙو ڪپي !
مرد ڪلي ٿو ”جيون“ بگڙي عوُرت جي ڏِڏي.

٥٤- ٿو تہ سچڻ قرب مان ، مالڪ موتي ها پليا ،
ٿِنِ کي جاڻي ڪَنڪَر، مون سُھڻن هارن مَٽيا !

٣٩- ڪمن ڙهاءِ ڪُهاڙي ، ڙل ڇا آهه ٻڪاڙيو ؟
پکي جناور ڪيڏو ، شڪر ٿا ڪرين ڏهاڙي !

٤٠- عيب نہ پنهنجا تو ڏسين ، ويکون ڪڍين ٻين مان،
عيب ڍَڪين تو پنهنجا ، عيب ٻين جا ڳولهين !

٤١- سُوارٿ مَنَ ۾ ڌاري ، سانگہ رچائين ڪيڏا ؟
جهول ۾ جَسُ ڪيئن ملندو ، من ۾ آهه وڪاري !

٤٢- نانءَ جي ٻڪہ من ۾ رکي ، ڪرم ڪري جو جڳہ ۾ ،
پيٽ نہ اُنجو ڀرجي ، سُکہ هوندي رهي دُکي !

٤٣- ڳيڙو ڪپڙا پائي ، سَنتُ نہ بڻجي ڪوئي ،
گووند مِلي نہ ڪنهنکي ، چندن تلڪ لڳائي !

٤٤- لڪشمي آهي مايا ، ڇوُڪنيو ڦاسائي ،
لوڀ-موهہ جن جي مَن ، مُڪتي ملي نہ ڪايا !

٤٥- آهہ اَنڌيري کاهي ، منش تو آهڙو ڦاسي ،
هلي نہ وَسُ اُت ڪنهنجو ، ڪيرُ نہ سنگي ساٿي !

٤٦- چاهت ڪر چگن جي ، چت ۾ جن کي آ لڳل ،
”جيون“ سڦلو آ جنم ، جت ڪٿ جاءِ اُنهن جي !

٦٣- پيريءَ ۾ پڇتايان ، وقت نه ايندو موٽي ،
ڪرسي ڪِرڻي ڪوٺي ، ڪيئن ليندي سا سڻين ؟

٦٤- پهون ڪر تون ڪرپا ، ڏس نه منهنجن عيبن ،
سيسُ نوايان چرنن ، وَڃان نه موٽي خالي.

٦٥- چولو مُنهنجو چِڪ ۾ ، عيبن هاڻو آهي ،
ستگر اوڻ لاهي ، بخش منڊايون سائين !

٦٦- سائين تنهنجي دَرَ تي ، آيس آس ڪٽي مان ،
لورا ڪين وِساريان ، پار اُڪارج پاڻٽي !

٦٧- پار اُڪارج پاڻِٽي ، نبلن جو آڌار تون ،
ٻاجھہ ڪري پنهنجي هٿون ، پليل راھ ڏيکارج.

٦٨- معاف منڊايون ڪَرِ تُون ، ستگر "جيون" وينتي ،
جهوليءَ ۾ ڏي ڀِڪَتي ، چرنن پنهنجي جاءِ ڏي !

٦٩- مونہ ڪيڏا عيب ، تون آن اُجلو هر طرح ،
ڪين سٽاوا مون ڪرھ ، پِنا پنهل جي ٻاجھہ ،

٧٠- منهنجي جيون-ڏور ، سائين تُنهنجي هٿِ آهِ ،
ٻالُ اُڃي ڏُکڙا لاهِ ، مالڪ ڪَرِ ڪا مَهرَ !

٥٥- تو نہ ڪيو آگاھ ، ڪاھي آڳيان هئي وڏي ،
پر جوڀن جي نشي ، ٻُڌِ ٻڌ ڪوھي ورتي !

٥٦- تون نہ لڳي پئين باھ ، گهوريہ پنھنجي جندڙي ،
آٿر ليو نہ ڪنھنتي ، جاڳي آڇا نہ سنڌڙي !

٥٧- تو نہ آگر پڪڙي ، هو صحيح ڏيکاريو ٿسُ ،
منزل مشڪل ڏسي ، ٿهلجي ويو اُن دم ساھسُ !

٥٨- اَچا ڪچي آ پريت ، ڇڏ نہ ٻچي پل ٿئي راسِ ،
تيسين خوشبوءِ سانڍ ، ڦبڪي ۾ رکہ ٻڌ واسُ !

٥٩- پيٽ لڪر لئہ جهول ، مورکہ ڇا لئہ پيو ڦهلائين ؟
دامن محنت ڇڏي ، مورکہ عزت گنوائين !

٦٠- سوچي ڪَرِ تو يارُ ، ميتُ نہ ڪوئي هِت سچو ،
''جيون'' ٿيء سجاڳہ ، ٻار تون ٻولو پنھنجو.

٦١- ڪوريئڙي جِيان مون ، پاڻهي ڦاهي ڦاهي ،
ڪين ڏٺي مون ڪاهي ، مايا-موھ ٻڌيو ،

٦٢- مايا-موھ ٻڌيو ، عمر گنوائي ساري ،
سمجهہ تڏھن مون آئي ، جڏھن پهتس پيري !

٧٩- چاتڪَ چاهءِ چَنڊ جي ، ساڳي چاهت منهنجي ،
بن پاڻي جيئن مڇلي، تڙڦي تو بن هي مَنُ !

٨٠- جيئن ڪناري سان رکن ، پريت ساموندي لهرون ،
بن تو سَجڻا سُڃيون ، ''جيون'' گذرن راتيون.

٨١- پڙدو هٽاءِ ہيائي ، پَسُ پرين کي تون سَجڻُ ،
ديدار هيڪڙائي ، جت ڪت تئي سجڻ جو ؛

٨٢- چا لئہ رنج رسائين ، ڏکن ڏاڍا جي اَڳئي ،
رُئندن کي روائين ، پاڻهي اَهمُ وڏائين ؛

٨٣- پوتيون پڙهنديں ڪيتريون، دل سان ڪين هنڊائين،
سکيون سَڏون اَجايون ، ملڙا سوچي ڏس تون ؛

٨٤- مالها جي مڻڪن کي ، ڦيرڻ مان چا ملندو ؟
بنا سَچي شرڌا جي ، راضي ڏڻي نہ ٿيندو !

٨٥- رُڄ کي سمجهي پاڻي ، اُڃ ٻجهائڻ چاهين ،
ملي نہ ٻولين واڻي ، ٻاجهہ ڳهرين مُنهن کهڙي ؟

٨٦- روپ اِلاهي ''جيون'' ڀڳون پاڻ رچائيا ،
منش عقل ٻلائيا ، ڪيڏ پيو ڪيڏي پاڻهي.

٧١- جڳ جي مايا-موھ ، آھ وڙايو پڻ لوڀَ ،
سھن وِڪارن ٿي سوڀَ ، پايان ڪيئن ڏسِ ريت ؟

٧٢- وئرٿ ساري عُمر ، مون ڪاٽي پاپن منجھہ ،
سائين مونکي ڏي سمجھہ ، ڏاتر ڏڏ سنھار.

٧٣- رشتا ناتا ڪوڙ ، ھلي نہ ڪوئي ڪنھن سنگہ ،
ٽِڪو موھ جو آ رنگہ ، پاڻ اَچي مڻاءِ.

٧٤- گووند مايا جار ، جيوَ کي جڪڙيو ڇا لاءِ ؟
ڪا مُڪتي راھ ٻڌاءِ ، ڪَري ٿو ”جيون“ عرض.

٧٥- ھاڄھہ تنھنجي سجڻا ، ٿي ڪَيڻي مون سدائين ،
شھِڻلَ مينھن وَسائين ، شال پنھنجي مھر جو !

٧٦- جانب ڪين جُدا ڪر ، ھڪ پل پڻ ڪين سري ،
منڙو منٺارَ لري ، دلبر ڏي ديدار تون !

٧٧- گھوريان جندڙي توتان ، قرب پاٺي ڪرِ اَچي ،
ڪين مونکي ڪر لڇي ، يارَ نباھج ياري !

٧٨- ٻي مَزي آ زندگي ، اُڇ، اَچي ڪرہ رھائيون ،
رائيون ڀِسيوُن ڪاريون ، روشن ڪرتون نوُرہسان.

٩٥- ٻولي سڀ کي پنهنجي ، ڪيڏي آهي پياري ،
لڳي مِلي پڻ ڏرتي ، ساهه سان سڀڪو سانڍي.

٩٦- پِنهنجي ٻوليءَ نه مونکي ، آنءُ پکي هٿ ڏاريو ،
پنهنجن ڪيو پرائو ، ڏوهه ڏيان مان ڪنهنکي ؟

٩٧- سانڍي رکي ساهه سان ، ياد وَطَنَ جي آهه مون،
ڪيئن وِساريان ڳالهيون ، جيجل ملڙيون تنهنجون !

٩٨- صبوح سويلي گونجي ، مڌر ملي لِنِ لِن ڌُن ،
اُڏري منهنجو منڙو ”جيون“ پنهنجي وطن !

٩٩- چنتا رکو نه چِتَ ۾ ، ڪوڙو آهِ جڳت هيءُ ،
جڳت- مايا موهه ڇڏ ، نام جو امرت رَسُ پيءُ.

١٠٠- ڪام ڪروڌ کي تياڳي ، نام سان رَکُ مَنَ پريتي ،
ڪوُڙ ڪَپٽ کي تياڳي ، راهه پڪڙ سچڻ سچي !

١٠١- ڪين اَچي ڪو ڪوئي ، ڪري مَدد ڪو ڪنهنکي ،
راهه ڪنڊن جو هرڪو ، ڪو پاڻهي پار ڪري ؛

١٠٢- پاپ ڪرم جو پاڳي ، ڪير نه آهي جڳ ۾ ؟
ڪرمن جو ڦلُ سڀ کي ، پاڻ ڀوڳڻو آهي.

٨٧- ڏسُ ڀٽيم ٻين کان ، محبوب ملندو ڪٿي ؟
يارُ ملندو پڪ اُتي ، جت پڪَ جو سُودو لڳي ؛

٨٨- ناحق ڀٽڪن پوڄين ، ڪين ملي بنِ شرڌا ،
جَڏ تون گورکہ ڌنڌا ، پالهي ملندءِ ڏلي.

٨٩- سڀَ ۾ دلبر ديرو ، ڀيائي ڪنهن سان ڪرين ؟
سنگہ نہ اُهم جو ڇڏين ، وَصل ڪهڙي ريت لهي ؟

٩٠- گوڪل يا بندرابن ، چاهي ڪاشي نگري ،
سڀني ۾ ڏسُ هڪڙي ، وٺرڪ سڀ بِن شرڌا.

٩١- تيرٿ تپُ، تنَ تيسا ، روزا حجن نمازون ،
ٿابُ تڏهن ٿي ٿونديون ، ويسهہ پورن جي ٽڪجي.

٩٢- ڳولهہ ٻلي تو ڳولهہ ڙي ، ساريِ عمر ۾ تون ڳولهہ
ڪڙڪيِ مَنَ جي ڪولِ ، "جيون" جهٽ ملي سڄڻ.

٩٣- قادر جي قدرت جو ، جڳت آهي ڪَرِشمو ،
نُور اِلاهي مون ڏِٺو ، آهہ سڀن ۾ ساڳيو ؛

٩٤- رَنگ گلن جو اهڙو ، مايڪُ سگهي نہ لاهي ،
موهڪ خوشبو آهي، ڪيڏي عجب نرالي !

١١١- بڻجي ڪيئن گلزار، خوشي ملي پريوار کي،
اَپمانت ٿئي نارِ، جنهن گهر ۾ رور پئي،

١١٢- ڪر نه وَڏِ بيزار، موقعو بغاوت جو نه ڏي،
پنهنجي هلت سڌار، جي تون چاهين جڳ ڀلو،

١١٣- حَقُ نه غريب جو مار، اَهڙو رک وهنوار تون،
سڀ جو ڪر واپار، ڀوَ رک ڪجهه داتار جو،

١١٤- ڪاهل ڪر نه اَوير، ويل وِهامي آ رهي،
صبوح ساڃ سوير، ڪاهي هل تون ماڳ ڏي.

١١٥- ساري ساري رات، جاڳي جن ڏيايو ڏٺي،
سائين کي پڻ تات، ڪيئن نه ملندو هوت ٿنِ.

١١٦- جنجو هڪڙو ماڳ، تاتِ نه مَنَ ۾ ٻي ڪا رَکن،
ڀلو تن جو ڀاڳُ، پاڻَ اَچي سپرين ڪري؛

١١٧- پنهنجي ڪين هلاءِ، نرميءَ جي وَٺُ راهه تون،
سڀَ جي ٻڌجي راءِ، مشڪل پونديءِ ڪين ڪي؛

١١٨- وَڏو نه پاڻ سڏاءِ، توکان پڻ آهن وڏا،
نوڙي ڪنڌ جهڪاءِ، جهولڻ سائين جي اڳيان؛

اَهم جو جيسين پڙدو ، پري نہ مَنَ تان ليندو ،
درشن پرم آتما ، سچل نہ ڪنهنکي ملندو ؛

١٠٤- ڪين مِلي اُچ رُچ ۾ ، پلڪي هِتِ هت مَنَ جو ؟
ڪلراڻي ڌرتيءَ ۾ ، اُپري ڪين تو ٻوٽو !

١٠٥- ڪرين ياترا ڪاشي ، گوڪل يا بندرابن ،
ڪين ملي ڪِٿِ ، پڳون ، ڏس ڦولهي پنهنجو مَنُ !

١٠٦- موهہ جي چاٽَ چَلي جن ، مايا ڏُنڊ چڙهي ٿو ،
جنم مرڻ جي چڪرن ، ''جيون'' ڪين چُلي ٿو !

١٠٧- پريل رهن پندار ، گهرجائوءَ کي ڪين ڏِين ؛
سکٿا ڪَنِ اقرار ، روز ٿا ڪوڙا ڏيهہ سان !

١٠٨- روزِ لڳي دربار ، اِنصاف مِلي پرَ ڪٿي ؟
مِلي نہ من کي قرار ، سکٿا دلاسا جي مِلن ؛

١٠٩- ميهَرَ ڏي ديدارُ ، دير نہ ڪَرِ هاڻي گهڻي ،
وِجهہ ڪو مَنَ تي ٺارُ ، بِرهہ جلايو جيءَ کي ؛

١١٠- هيءُ کهڙو سنسار ، سکہ بدلي جت پيو ملي ،
جنتا کي آزار ، لِپَ لِپَ تي هن راڄ ۾ ؛

١٢٧- جنم ڏنو جنهن آ ڏڻي ، تنهنجي ياد ۾ گهارِ ،
خلق جي خدمت سان ڪَرِ ، سڦل جنم ساڪار ؛

١٢٨- لاهِ پلي تون لاھ ڙي ، ڪيڏا ڪَرِ ويچار ،
واڳ ڌڻيءَ جي آھ وَسِ ، ڪُجھ نہ بندي اَختيار ؛

١٢٩- دُشمن دِلِ ۾ ڏوھ آ ، آھِ وِڇائي ڄار ،
''جيون'' خطري کان نہ ڏڄ ، وارَ ڪي ڪَرِ بيڪار ،

١٣٠- دلبر پنهنجي جي ڳڏان ، هنڌين ماڳين هاڪَ ،
بهشت کان پڻ آهِ ، وَڌِ ''جيون'' پيرن خاڪ.

١٣١- جَمئي جام نہ ڪو ٿئي، ڪنهن ڪنهن منجھ مٺيان،
سنت نہ ڏسجن پيا گهڻا، دَرُ مان ڪنهنجو جهليان ؟

١٣٢- لِنگہ ٿي لوهي ھرَ مَٽي، سَيڪو سَڏائي شيرُ ،
وڙهندي ڪري نہ دير، سڪٽي اُڀامي ٿي گهٽو ؛

١٣٣- چَٽ چَٽَ جي عادت بُري، ڦَل نہ لڳي ڪنهن ڇشڪو،
لڳندو رهيس ڦلڪو ، تہ بہ مڙندو هو ڪين ڪي ؛

١٣٤- چنچل جوڀن جوش ، قبضي رهڻ آ مشڪل ،
علال هلي نہ اَلڪل ، مُحبت موُج مچائي !

١١٩- اوڏو اچي نہ موُت ، ڪانُ لو جنجي مَنِ وَسي ،
مهر ڪري جي هوتُ ، ہڏندڙ ہيڙا پار پون ،

١٢٠- جَڏِ تون ڪوڙو ڦانُ ، ڀِمي ڪِمي تون نينهن رکُ ،
پُختو ڪر ايمانُ ، پاڻهي ملندءِ هوت ڙي ،

١٢١- سڀ سان رکہ تون پيار ، ڪوڙ ڪپٽ کي ڏي ڇڏي،
''جيون'' لهندءِ سارَ ، ساه ڏنو جنهن جيءَ.

١٢٢- پار پوي سو منش ٿو ، سڀ جو رکي جو گيانُ ،
پاڻُ بچائي پاپ کان ، جڳهہ نہ ڏي اَيمان !

١٢٣- سَڄڻ نہ ڪوئي آ ڇِتِ ، ڪوئي نہ لهندءِ سارَ ،
ميت سچو مشڪل ملڻ ، ڪنهن ڏي ڪين نهارِ.

١٢٤- ڏٺي نہ توسان ساڻ آ ، ناه ڪڏهن ڀي ڏار ،
من ۾ پنهنجي گولهہ تون ، اُتِ ئي سرجڻهار.

١٢٥- مَنَ ۾ رَکُ تون مَٺل نا ، ڪَرِ نہ ٻرو وَهنوارُ ،
سڀ ۾ سائين لو وسي ، ڦيٺي ڪين ڏيکار ،

١٢٦- سائين جي جنسار جو ، ڪوئي اَنت نہ پارُ ،
بندي جي وَسِ ڪجهہ نہ آ ، جاڻي جاڻڻهار.

۱۴۳- جڳ جي ڪُوڙي پريت ، ڇَڏِ سَڀُ مايا موهه کي ،
پارسُ پريُو ڇڏي، ”جيون“ پڪڙ نہ لوهہ کي !

۱۴۴- سهان صبر سان ڪشٽ ، مالڪ مونکي شڪتي ڏي ،
راضي سَڀَ ۾ رهان ، سائين جيڪي ڏي مونکي ،

۱۴۵- من کي ڪيي تو يوڳُ ، گهيريو اُنکي واسنا ،
سڀکي ملي تڏهن بہ ، ملي نہ من جي ترشنا ؛

۱۴۶- من کي ڪپي لي موج ، سُمرن ۾ چت نا لڳي ،
وَسَ ۾ مشڪل اَچي ، پاڻ کي ڀاڙهي پيو لڳي.

۱۴۷- ڪيئي مونهہ عيب ، پوتر ڪيئن ٿئي زندگي ،
مالڪ ڏس ڪا راهہ ، مِٽي وڃي سڀ گندگي ؛

۱۴۸- اَهم ڀلائي راهہ ، مڃي نہ ڪنهنجي بات مَنُ ،
پنهنجي وِهہ پيو هلي ، ستگر سان ڪيئن ٿئي ملن ؟

۱۴۹- سچڪند کي آتما ، مَن وَس ڀلجي آ وِئي ،
ڪَرِ تون سُمرن ڀڄن ، پرماتما مِلڻ وري ؛

۱۵۰- مَنَ مُنهنجا ڪجهہ سوچ ، وِشيہ وڪارن رَهہ پري ،
شبد سان پاڻ کي جوڙ ، ”جيون“ ستگر آسري.

☆☆☆

١٢٥- ڏئي نہ ڪڏهن ساٿُ ، جڳ جو ڪُوڙو ناتو ،
نہ بہ موهہ ۾ ڦاٿو ، رهي سدائين منش ٿو ،

١٢٦- دُکہ ۾ پرائيءَ ڪي ڏِسي ، فقط وهائي نيرُ ،
اِنسان اُچي نہ ڏيرُ ، ويتر وڌندو دُکُ گهڻو !

١٢٧- ڪرپا ڪَرِ ڏاتار ، تنهنجا اُتِ مان ڳايان ،
ستگر پارِ لڳاءِ ، پِڌر نمائي آهيان !

١٢٨- چنچل هي چت آهِ ، واهر تون ڪَرِ ڪرتار ،
بيڙي آ منجهہ ڌار ، مالڪ ڪر مَهر سان پارِ ،

١٢٩- ڪينَ لڳي ٿو چاهہ ، ڪيئن ڪَريان تُنهنجو پوڄن
موهہ ۾ اُلڪيل ساهہ ، ڪين ڇُٽن ٿا جڳ بندن !

١٣٠- جڳ جا ناتا توڙ ، سنتن جي رَهہ سنگت ۾ ،
مَنَ جا ڦُرنا لاهِ ، نرليپ رهہ جڳت ۾ !

١٣١- صبوح سَويلي جاڳُ ، مالڪ جو ڪَرِ تون پوڄن ،
جنهن ڏنو ٿئي ساهہ ، من کي رک تنهن ۾ مگنُ !

١٣٢- شهڪو ڪيڏو آهہ ، ويلو هي پربهات جو ،
چِتَ ۾ رَکُ تون چاهہ ، مالڪ ملڻي پربهت جو !

٨- مانجهي مرد هئا جي ، منهن مٿي ٿيا پاسي ،
ڦوڙل وساري ويا ، ڪُرسيءَ جي لالچ تي ؛

٩- ڪرم ڪرڻ جي ڪوڏا ، تِن کي مانّ مِلي ٿو ،
چڱا پڇي ٿين پاسي ، مڪار خوب کِلي ٿو.

١٠- لِنگ تي ٽوپي پائي ، پاڳَ کي هارَ پهرائي ،
ڏنوان ڏسو اَڄ پيو ، پنهنجو مانُ وڌائي.

١١- کَڙي خوشامند جي کَنِ ، تن جي آهي چاندي ،
اِها بہ آهہ ڪَلا هڪ ، ڪڏهن نہ دل ٿي ماندي.

١٢- ڪوڙي، تُهه سنمان لئہ ، ڪنڌُ جهڪائن ڪيئي،
شاعر پڻ چُلل نہ آ ، خوشامند کان خالي.

١٣- ڀوڪ ٻٽائي لوڪن ، نيتا ڪم ڪن ڪوڙا ،
سانڍي جڻن رنگ بدلي ، پيٽ ڀري ٿين موٽا ؛

١٤- ڍول ٻِلي سمانتا ، جنتا کي خوب لڳن ،
گُنديون چوکي مال سان ، ڏنوانن جون ڀرجن ؛

١٥- گيانُ نہ سنسڪرت جو ، لوڪن کي ڪُجهُ آهي ،
لاڀُ وَٺي اَگيان جو ، ٻاڻين موڄ مَنائي ؛

قطع

١- خوب ٽُليو هو فرنگين ، اَڄ ٽُلن پنهنجا ٽُليرا ؛
خون چوُسي روز کن پيا ، پيٽ موٽا وَڏ وَڏيرا ؛

٢- رَهه چلائيندو حقن لئه ، پر نه ڪُجهه پيو آهِ مِلڻو ،
لوڪشاهيءَ جي سُتيءِ جو ، آ نشو پڻ ڪجهه نرالو ؛

٣- ڪيئن ڏِجي ڪو ڏوهه پئي کي ، هند جو پرڏان جڏه
هنديءِ بدلي اَنگريزي ، جو وَڏائي شانُ جڏهن !

٤- مان نه صوفيمت جوآهيان‌سڀ‌کي سمجهان پاڻ پنهن
پرَ پرانئن جي بکيڙن ، مونکي سوڙهو آ ڪُهليو ،

٥- ڪيئن وِساريان سنڌ ماتا ، ڪي ڪيو جن آهه صدقي
ڪيئن چوان مان ڳاٽ اوُچي ، هندُ ليو آزاد آهي ؛

٦- مون اَکين سامهون ڏٺو هو ، بيگناهن ڪوس ليندو ،
آ ورهاڱي گهاءُ گهرو جو ڏنو ، سو ڪين پربو ؛

٧- وطن ”جيون“ اڳه به هند هو، هاڻ پڻ آهي وَطن هند
سنڌ منهنجي جگر آهي ، ڪيئن وساريان مادري سنڌ

٢۴- عوّرت جو پيو ٿئي واپار ڪُلو ،
مانُ مِلي ءَ ۾ ڀارت جو آ مِليو.

٢٥- شعر چوڻ لئہ ريڊيو ٽي.وي. تي ،
شاعر لُڙڪائو ڏِسُ پيرَ چُمي ؛

٢٦- ڀاشڻ ۾ دَمُ ڀل ڪونہ هجي جي ،
آواز بلند ٿي ٿي ناڙي وَڃي ،

٢٧- نيتاگيري ءَ لاءِ ڪپن پوئلڳ ،
هوءِ هوءِ ڪرڻ لئہ فقط ڪپن لڳہ ،

٢٨- ڪمي نہ هت آ داني پرشن جي ،
نوٽن بدلي نہ بڪہ هارِن جي ؛

٢٩- ديس ڪي ڪي نيتائون خوب لُٽن ،
پر ڪمزور رهن چُپ ، ڪين ڪُڇن ،

٣٠- ڪيئن ملهايان آنءَ آزادي- جشن جي راتِ دلبر ؟
چور ٻَٽجي ويا چاڪي، اَڄ جڏهن هت ديس رَهبر !

٣١- عيش عشرت خوبُ ماڻيا ، چئن پوءِ ٻِي چونہ آهي ؟
ياد ملڙي ماءُ سنڌ جي ، جتِ وَڃان ٿو اُت ستائي !

١٦- سونهن ڪٿي آ اَصلي ، نقلي لڳي هرِ چهرو ،
نائو نينهن سَچي جو ، ڏِسجي ڪين پيو ڳهرو !

١٧- ڪوڙي ناتَ باتَ لئہ ، ڏنُ ٿا لُٽائن ڪيئي ،
ڳهرجائن کي پر هوءَ، ڪين ڏين ٿا پائي !

١٨- لڪشمي پوڄا هرڪو ، تن من ساڻ ڪريٿو ،
سرسوتي-ساڌن پرَ ، ڪين ڪريٿو سيڪو.

١٩- رام-ڀرت جي جوڙي ، ڳوڙي سڳهي نہ ڪيڪئي
پرَ اَڄ ڀاءُ ڀاءُ جو ، ڏِسجي ڪونہ سَنيهي !

٢٠- وڏي نہ سڄ ٿو ڪنهنکي ، عيب ڍڪڻ ٿو چاهي
جي ڪو ڪٿي ٿو آڳر ، جوتو پيو اولاري !

٢١- سِيا اَجوڪي ۾ ''جيون'' کپي ٿو عهدو سڀ کي
ڀئي جي ڳڻ کي ڪوئي ، ڇا لئہ پوءِ ساراهي.

٢٢- ڀرشٽارين جي آ ، ڀيڳهي متل ،
ڪمزورن جا ٿين حق ، روز قتل ،

٢٣- لالچ نام ڪمائڻ ، جي لئہ اَڄ ،
شرم لُٽائيندي ڪين اَچي لڄ.

٤٠- آهين سنڌي جنم کان ، سنڌي نالو سڏائين ،
ڇو پيو مٽائين نيڀان ، سنڌي نالو سڏائين ؟

٤١- آهين سنڌي اَصل کان ، آهي فخر نہ تو ڇو ؟
گهڻا ڪئين ڪارناما ، آهي فخر نہ تو ڇو ؟

٤٢- دشمن جي سِرُ ڪٽڻ لئہ ، آواز هڪ نہ ڇو آ ؟
"جيون" حق وٺڻ لئہ ، آواز هڪ نہ جو آ ؟

٤٣- جوانيءَ جي مستي ، بَدن ڳُل اَلستي ،
عجب آهہ هستي ، ڀِڏا ساري بَستي !

٤٤- حسن جو هي جلوو ، سهي ڪير سگهندو ؟
مِلي جو اِشارو ، صبر ڪيئن رکي ڪو !

٤٥- نظرِ ناز موهيو ، اَکين ڪجهہ ٻڌايو ،
کَسيو هوش دلبر ، بيان ڪيئن ڪري ڪو ؛

٤٦- گلابي ڳلن مان وهي رَسَ جي ڌارا ،
ڏين جڻ ٿا دعوت ، چپن جا ڪنارا ؛

٤٧- خُدا جا تو بخشي، حُسن کي نزاڪت،
جهان سارو بڻجي وَيو آهہ جَنت؛

٣٢- ياد ماضي ڪر سڄڻ تون ، بند نہ ڪر حاڪم تون واه
اَڄ گلي مِلُ، گڏجي هڪ ٿيون ، باه نفرت جي وسايون

٣٣- تو ۾ ، مونهِ هڪ ئي مالڪ ، ويرُ ويڇو ڇڏ تون بيائي
حد-بندين ڪي لوڙ سائي ، ڪيسين سهندين هيءُ جُدائي

٣٤- آهن اُڌيش ساڳيا ، پوءِ ڀي نفاق ڇو آ ؟
ساڳيا سِين سان ناتا ، پوءِ بہ نفاق ڇو آ ؟!

٣٥- منزل اَسانجي ساڳي، ساڳي نہ راه ڇو آ ؟
هڪڙي آسانجي ٻولي، ساڳي نہ راه ڇو آ ؟

٣٦- سيوا ڪرڻ ٿا چاهيون ، ساڳيو نہ چاه ڇو آ ؟
گڏجي قدم وڌايون ، ساڳيو نہ چاه ڇو آ ؟

٣٧- تو وٽ جي آه دوُلت ، ايڏو غرور ڇو آ ؟
ڪرڻ سچي جي خدمت ، ايڏو غرور ڇو آ ؟

٣٨- دُشمن اَسانجو هڪڙو ، گڏجي لڙڻ نہ ڇو آ ؟
آخر سبب آ ڪهڙو ، گڏجي لڙڻ نہ ڇو آ ؟

٣٩- ڪچٽي اَلگہ رَڏڻ جو ، ڪارڻ اَدا آ ڪهڙو ؟
ڪُليل جڏهن پنڌارو ، ڪارڻ اَدا آ ڪهڙو ؟

٥٦- نرم مذهب ڪهڙي ڪم جو ، خلق تنهنجيءَ کي ويڙهائي،
ڪين گهرجي اهڙي دنيا ، جت رهيو ايمان ناهي !

٥٧- قدر عالم جو نہ جت آ ، زرُ لڪائي عيب سارا ،
تو وِڪامي حُسن هٿ پيو ، عيش ڪن ٿا جڳ هتيارا !

٥٨- ڇور سنتن جي ڪُليا ۾ ، موچ سان ڪائن ڪُٺي پيا ،
بيک لئہ ”جيون“ ڏسان پيو ، ڪيئي پلڪن پڳٽ تنهنجا!

٥٩- ظالم جي آهہ ساري ، قانون ماٺ آهي ،
ڪمزور جي مٿان اَڄ ، هرڪو ٿو ظُلم ڍائي ؛

٦٠- ٻڪہ ٿي سدا رهيٺو ، مُفلس جو ڪير ناهي ،
چپ چاپ پيو سهيٺو ، همراهہ ڪيرُ ناهي ؛

٦١- زردار جي ٻغل ۾ ، سامان عيش جو آ ،
غُربت جُهڪائي سِرُ ٿي ، سؤ سؤ ڪري ٿي سجدا ؛

٦٢- چانديءَ جي چند ٽڪرن ، ٿي ٿي وڪامي عصمت ،
عالم جو علم وڪجي ، عاقل جو مانُ عظِمتَ !

٦٣- ڪِٿِ آهہ لوڪشاهي ، چُپ آ زِبانَ ڪيڏي ؟
چَمچن جو داد آهي ، لُٽ مارِ جي آزادي !

-٤٨ حسن جو سِڪو ۽ جميل سڀ جي دل تي ،
حُسن سان مُحبت ، تو سِڪو جتائي !

-٤٩ صبوح جو سويري ، کِلي حُسن گُل جو ،
ساري جهان کي ، ڏئي ڦيرا ڀنورو ؛

-٥٠ حُسن جي اَڳيان ڪين ''جيون'' هلي ٿي ،
ٿُهمندُ جِن جَتايو ، مِٽي تن جي هستي !

-٥١ يا خُدا قائل نہ آهيان، اَهڙي تنهنجي هن دُنيا
پاڪدامن جو نہ آهي، حُسن ڪهڙي ڪم جو ڇَنب

-٥٢ صاف جل اَنمول نعمت، شڏ رکي مَنُ صحت بخش
ڪينڪوڏي مُلهہ ۽ اُنجو، جي وجي ڪيچڙ سان گڏج

-٥٣ جو ڪمائي پاپَ سان ڏنُ ، دان اُنکان ڪين گهر
پريم جو پاپڙ ڀلو ۽ ، يار اُن تان ساھ صدقي ؛

-٥٤ چاپلوس خاصخيلن جو وڏيو اَڄُ زور آهي ؛
ڪَنڌ جهڪائڻ هئن جوڙڻ بنِ نہ ڪوئي ڪنهنجو ڪم

-٥٥ بانگ ڪڪڙن جي ٿي ٻڌجي، صبوح بدلي شام جو
ڪانوَ ڪان ڪان صبح ڪن ٿا، ماٺ ڪوئل کي لڳي وئ

۷۲- سڪ سبق موتيءَ منجهان ، ڪين اونڌهہ ۾ رهي ،
تانءَ موقعي جي رکي سِپَ نِي ڦاڙي تو ڇڏي ؛

۷۳- جوش تي تون ضابطو رک ، هوش تي هسوار ٿي ،
سَچَ سندي تلوار سان جَڙَ ڪَٽي ڇڏ ڪوڙ جي ؛

۷۴- ڪهڙو مذهب تو ڇوي ، ٻين کي نفرت ڪريو ،
آ خبيثي شخص سو ، آهہ زهريلو سَلو ؛

۷۵- جيئڻُ مشڪل آ بڻيو ، وَئي اُداسي پڻ خوشي ،
اَڄُ گهڙي تَبديل ٿي ، ڀَڄُ ڀڄان جي زندگي ؛

۷۶- چاهہ ساڏڪ ساڏنا ، ڀڳت ڀڳتي ڀاونا ،
ٿاب ڪهڙي ريت ٿئي؟ جي رکي دُشُ ڪامنا ؛

۷۷- جوت مون جا چاهہ مان ، ٿئي جلائڻ جِتِ گهڙي ،
اُتِ کَپيو اَنڌڪار پئي ، ديش دوهي، پاکنڊي ؛

۷۸- مون خزانو اَدب جو ، گڏ ڪيو آ چاهہ مان ،
ٻيل ٻڙهي جي ڪونہ ڪو ، ساهہ سانڍي تہ بہ رکان ،

۷۹- روڪ خيالن تي وجهڻ ، آهہ مشڪل ڪم اِهو ،
قلمز جي پرواهہ ڪي ، بندُ ڏيڻ "جيون" ڏکيو !

٦٤- سياست تي آهي قبضو ، اَڄ پاڻ وَڏِ اُنهن جو ،
جن جي ڪُھوڙي ۾ آ ، ڌنَ جو انبار ڪارو ،

٦٥- چَند شاهه پيا اُڏائن ، ڪلبن ۾ ڌنُ ۽ دولت ،
تنگ جهوپڙين ۾ ڪيئي ، اِنسان سهن زحمت !

٦٦- عورت جو نازُ نخرو ، بدني نماءُ پڻ ٿو ،
زَر تي وِڪامي سڀُ ڪجهه ، هرڪو فِدا اُدا جو ،

٦٧- ڪنهنجو نه وَسُ هلي ٿو ، مردانگي سُمهي پئي ،
جِتِ ناهه ايڪو ”جيون“ دهشت تہ سَگهي پوندي.

٦٨- هام هرڪو پيو هڻي ، ديس جو چاهي ڀلو پيو ،
ٻُڌُ سڀن جي ، چئه نہ منهن سان، ڪير ڪوڙو ؟ سچ چوڻ

٦٩- ديس جي ڪھڙي آ حالت، جاچ پنهنجي سمجهہ سان تو
قدم رکہ اُت ، من چوي جِتِ، هل سچي تنهن راهه تان

٧٠- سات ڏي آهڙي ڪمن لئہ ، اوُج ترقي ديس جي ٿئ
خلق جن سان خوش ٿئي ، آباد سارو ديس ڏسجي ،

٧١- جو ڪسي روزي ٻين جي ، پيٽ پنهنجن جو ڀري ٿ
موُرِ رکہ تون ڪين ياري، ٻنھُ ٻري ٿي، ڪر تون

٨٨- صورت اُلڳ اُلڳ آ ، خواهش سڀن جي پنهنجي ،
ڪَرِ قيد ڪين ڪنهنکي ، آزاد رک تون پنڇي !

٨٩- هڪ سوُر ڪين آهي ؛ اَرمان هزار آهن ،
سڀ ڪين ٿيندا پوُرا ، سنتوش رک تون ”جيون“

٩٠- اَڄ جو ليڊر ڏَرسُ ڏي ٿو، هنجوجڏهن ڪم پوي ٿو،
حال بهتر جو دِلاسو ، ڏيئي هر هر مون ٺڳي ٿو ؛

٩١- ڪيئي ليڊر دَر اَچن ٿا ، پول مِلڙا خوب ڪن ٿا ،
پرَ نہ پاڙن هڪ بہ وعدو ، جي چَئون ڪُجھہ جهٽ رُسن ٿا.

٩٢- ووٽ لئہ سڀ هٿَ ٿا جوڙن ، پَل جو راجا ٿا بڻائن ،
جڏهن ڪُرسي تي ويهن ٿا ، حڪم مونتي ٿا هلائن !

٩٣- مَنُ مهانگائيءَ ٻَاريو ، ظُلم تاناشاهي ماريو ،
ڪينڪو همدرد ڏسجي، ديس پنهنجو، پر مان ڏاريو ؛

٩٤- مان جو چاهيان ڪين ٿئي ٿو ، خيال سڀ جو آهہ پنهنجو ،
ڪوئي منزل ڪيئن پهچي؟ ڦوٽ جو هي آ نتيجو.

٩٥- ڏنُ لُٽائڻ جو ڪو چاهي؟ اڄ جيسين ڪين آهي ،
پيٽ پنهنجي لاءِ ڏنوان ، سانگ ڪيڏا ٿو رچائي !

٨٠- دردُ دِل ۾ جن کي ناهي ، ناهن ساٿي ناتوان جو ،
کين ڪَرِ وِشواس اُنتي ، جو ڏئي سگهنو دِلاسو ،

٨١- دِل نہ ڏي تون راز اُنکي،جنهنجي اکہ ۾ لُڙڪ ناهي
چُپ رهڻ بهتر سڄڻ آ ، جنهن جذبو توکي ٻڌائي

٨٢- ٻيو نہ ڪوئي ، پر دنيا ۾ ، ڪو نہ ملندو يارُ دلبر
همسفر ساٿي سچو "جيون" کي ملندو نيڪ رهبر

٨٣- هوءِ جي حسين آهي ، ٻيا پڻ گهڻائي آهن ،
چاهت نہ رکہ تون هڪ جي ، هت سيڪڙون ٿا چاهن

٨٤- گُلُ هڪ نہ باغ ۾ آ ، قسمين هزار ڏسجن ،
هڪ کي نہ چاهي پنورو ، سڀُ گُل ٿا ڪيس موهِن.

٨٥- آ نازُ سڀ جو پنهنجو ، ناهي ڪمي ادا جي ،
فطرت جُدا جُدا آ، عظمت ڏِسو خُدا جي ،

٨٦- موسم حسين آهي ، جِتِ ڪِٿِ بهار ڏسبي ،
اَحساس من ۾ پيو پيو ، جذبو اَلگہ ٿو اُپري ،

٨٧- ڪوئل جي ملڙي ڪوُ ڪوُ، اُنہ آ درد ڪيڏو ،
آنسون پيئي ٿو ڪوئي ، ڪوئي روئي ڏِئي ٿو ،

ٽہ - سٽا

سائين تنهنجي تات،
پل پل ساريندي وَئي،
گذري سارِي رات،
سُستي ڇا لئہ سوُر،
ڳولهي ڏِسُ پنهنجي اَندر،
پُنهل نہ توکان ڌارَ !

سائين تنهنجي اوٽَ،
نِڌر نِماڻي آسِرو،
شُهڻل جلدي موٽُ.
مايا ڇَلَ وَلَ ڌوهہ،
ڦاسُ نہ مايا جار ۾،
سڄڻ ڇَڏي ڏي موهہ !

ڪيڏا وڃن پيا گهنڊ،
باهہ لڳي سنسار کي،
ساڌُن گهري ننڊ.
مورکہ ڪجهہ ساڃاهہ،
مندر مسجد نانوَ تي،
گهر گهر ڪَرِ نہ تباهہ !

مٽيا هي سنسارُ،
ڪنهن لئہ مورکہ پيو ڪرين؟
ڪُوڙو هي واپار.
ويڙهائي ڪيا ڊيرَ،
''جيون'' عقل وڃائيو،
مُنهنجي تُنهنجي ڦير !

ڪيڏي پياري جان؟!
ديهہ ڏسي پيو ڦو ڦرين،
آهين ٻہ مهمانُ !
ڪٽي نہ ويندين ساهُ،
مَرڻ پڇاڻا جو اَڻٽي،
جلدي پاڻُ سُڃاڻ !

٩٦- ڊونگر ڏسجي لوڪشاهي ، فقط ٻڏجي نعري بازي ،
حال ''جيون'' ساڳيو رهندو، قوت جيسين ڪانه ويندي !

٩٧- دلاسن تي رکين نرڏن ، سختي پڻ تو سڏائين پيو ،
ڏِني ڀڳوان تو دولت جا ، اَجايو سا لُٽائين پيو!

٩٨- نَشو ايڏو چڱو ناهي ، نڪو اِيمان ڪو سونهين ،
اَهم ڪان ناتوانن جو فڪر توکي ذرو ناهي !

٩٩- ڪَندن ۾ پانڌُ اَڪيل آ ، سنڀالي رک قدم سائي ،
وڏي ڪاسائي ويا جڳ ۾ ، تِکي تِن جي جُتر ڪاتي

١٠٠- اَهم تي قبض مشڪل آ ، ڳهمند ۾ چوُر آ اِنسان ،
سچو سائي ملڻ مشڪل، جو سِرُ پنهنجو ڪري قربان

١٠١- ٻٽي سستي وَئي عورت ، سِکن چند ۾ وڪامي ٿي
نہ محبت جو قدر جاڻي ، حياءَ لڄ اُگهاڙي ٿي.

١٠٢- شرافت جي چمن تي اَڄُ ، لڳل تالو پيو ڏسجي ،
حڪومت هِتِ آ ڏاڍن جي ، ڏسي من پيو ٺهي ڦتڪي !

١٠٣- غلامي ڳَٽُ ڳچي آهي، مِلي ڪِٿِ آهِ آزادي؟
وَيا اَنگريز، پر ''جيون'' نہ وَئي ڀارت مان اَنگريزي

ايڏا پهڻ نه پڇاءِ،
مايا لکڻي نا ڪِتي،
سائينءَ سان دِلِ لاءِ !

ڏاهن جو ڪر سنڱ،
مُڪتي جي چاهين سَچڻ،
جوتِ پاپن سان جنگ !

هرِ پَلَ مَنَ ۾ سوچ،
مَنش جنم ڇا لئه مليو ؟
آتم ڏنَ لئه لوچ !

ساڌ-سنگت ۾ گهارِ،
موهه ۽ ممتا کي ڇڏي،
سڀ جو ڪر واپار !

جڳ جي ساري سُونهن،
پنهنجائي مَن کي گهٽو،
پانئج نه ڪُوڙُ ورونهن !

وشيه، واسنا، ڀوڳ،
ڪام، ڪروڌ کان رَهُ پري،
رهندين سَدا نروڳ !

پاڻ کي ڪين پڏاءِ،
رَهيو نه چِتُ جي آهِ وَس،
گياني ڪين سڏاءِ !

سَتگُر جو رَهُ داسُ،
راهه سَچي جي تو کپي،
ڇَڏ سڀ ڀوڳُ - ولاس !

ڪَهڙي ڪم جو گيان ؟
ڪَرَم نه ڪوڙا جي ڇُڏن !
سَڪٽو سڀُ اَيمان !

تون ئي رانجهوُ هيرَ،
مَنَ ۾ ڳولهي ڏِس پِرين،
ڇا لَئه ڀٽڪين پيرَ !!

اوڀُر اُپري باک،
قدرت جاڳي ننڊ مان،
ڳاءِ سَچَڻ جي ساکه !

مالڪ هڪڙو آهه،
ڏِسجن رُوپ اَنيڪ پيا،
پر هستي هِي ناهِ !

خالق آهين پاڻ،
تون ئي آهين خلق ۾،
ڪنهن ڪنهن آهه پڇاڻ!

ٻچڙو ڏنَ جو موهه!
لائي اونڌي واٽ تي،
وڏندو رَهندو ڏوهه!

ڪڏهن نہ ٿيءُ نراسُ،
ڪَرَمَ سچي دِلِ ساڻُ ڪَرِ،
پوري ٿيندءِ آسَ!

پارِ اَلکہ جي جوتِ،
ياد سَچي مَنَ ساڻُ ڪَرِ،
راضي ٿيندو موت!

ڪهڙي ڪم جو موهه؟
روز پريندو ٿو رهين،
جهول ۾ پنهنجي ڏوهه!

نِشڦل ڪَمَ جي پياسَ،
هِردي ۾ رَکُ تون سَدا،
ٿيندين ڪين نراسِ!

ڇا لَئہ ڏين ٻئي ڏوهه؟
عيب نہ پنهنجا ٿو ڏِسين،
ڇَڏ سوارٿ ءِ موهه!

آهه لڳل بازار،
مايا لڳٽي موهه جي،
آهه وِڇائي جار.

موهه جي ڦهليل جار،
مَنش ڪي جَڪڙي ٿي ڇڏي،
مَنَ ۾ موهه ڪي مار،

سَڀَ سوُدي ۾ ڪوڙُ،
ڪوڙ بِنا لِکہ نا مِلي!
آهي سَڀُ پَرَ ڏوڙِ!

سَهج سان مَنَ دِلِ لاءِ،
سَنگہُ نا ڪوڙي ساڻُ ڪَرِ،
ڪَپٽ جي ٻاهه وِساءِ!

جَڳُ سارو جنجال،
مُڪتي ملي نہ منش کي،
جيسين پهچي ڪالُ!

ڦرنئي ڪان رَهُ دُورِ،
مايا موهه جو نياڳه ڪر،
سائين ناهي دُور ۔

گياني ڪين سَڏاءِ،
جيسين جيوت آهِ سِڪُ،
پڙدو آنڌ هٽاءِ ۔

ڏسي نِرالا رنگ،
جڳه جو من چنچل لئي،
جوڳي سَچو اَهنگ ۔

پيارَ سان سِيسُ جُهڪاءِ،
ويسهه ڏاري دِلِ اَندر،
پريتم کي پرچاءِ ۔

ڪيرُ نه پنهنجو آهه،
ناتا رِشتا جوڙِ سَڀُ،
رَهُ تون بيپرواهه ۔

سَچ جي وَٽُ تون راهه،
پانڌيئڙا تون ڪونه ڪَرِ،
ڪَٺِن جي پرواهه ۔

وِيل مِلي پرڀات،
مندر مِلڙا گهنڊ وَڄن،
ڀڪي لنون پڙ لاتِ ۔

ڏَر ڏَر پِلڪُ نه ڀارَ،
پنهنجي مَنَ ۾ ڳولهه تون،
سَڄڻ نه توکان ڏارَ ۔

سانت ۾ ويهي جاپ،
ان ڏکيءَ جو هر گهڙي،
ڏوه سدا لڳه پاپ ۔

مَنَ ۾ موُج مچاءِ،
هئي ڏانهن ڪين نهارِ تون،
سائين سان دِلِ لاءِ ۔

ڪَرِ نه ڀروسو سانسَ،
سولت سَڀَ جي ديهه آ،
لڳ نه اُجالي آسَ ۔

قدرت جي ساراهه،
جو نه ڪَجي او بانورا،
اَٺلهه ڏنو جنهن ساهُ ۔

اَهمُ وَڌائي جوشُ،
نياڻ-اَنياڻ ۾ سَنڌو،
رَکي سَگهي نا هوش !

اَهمُ ڪَري آوازُ،
ڊامي سَڀُ ڪجهه تو چڏ
مَنَ ۾ رهي نہ رازُ !

مانُ مِلي اَپمانُ،
آلم کي ڪجهه ڪونہ ٿِئي،
ڏُکہ سکہ سمجهہ سمان !

موهہ جي ڦهليل جار،
اَنت اِڇائن ناهہ ڪو،
پنهنجي مَنَ کي مارِ !

مَنَ ۾ موهہ جو روڳُ،
وَلِ جِئن ويڙهيل تو رهي،
ويتر ماريو يوڳَ !

لاهِ نہ ايڏا لاهہ،
اَنت اِڇائن ڪين ٿئي،
اونا جڳ جا لاهِ !

ڏيانُ سَچو جي ناهِ،
گيان نہ حاصل ٿئي ڪڏهن،
رَٽِ رَٽِ ڪين لِڳاءِ !

ڪيڏا پڇائين پوُرَ،
سَپنو هي سنسار آ،
پال نہ ايڏا سوُر !

ڏُکي سَچو آ ڏيهہ،
ڪوُڙي مايا موهہ ۾،
جڪڙي رکيو سَنيهہ !

ڪام ڪروڌ ۽ لوڀُ،
مَنش ڦاسائي چوُڪنيو،
ملي ٿي مُشڪل سوڀَ !

جڳہ جي ڪوُڙي پريت،
ڪنهن سان ناتو ڪين رَکُہ،
مَنَ پنهنجي کي جيت !

اَسَرَ جي ويلي ڏياءِ،
جوت-جُڳتِ سان مَنش تو
پريتم کي پرچاءِ !

وڄي ٿو اَنحد ناد،
جهانجهن جي جَهن جَهنن ۾،
ڀڳت پيا ڏسجن شادِ،
پريوءَ کي پرچاءِ،
صدق سچي ڪر وينتي،
پاپ ڪرم بخشاءِ.

گِرڌر جا گُڻ-گانَ،
ميران ڏسجي بانوري،
ريجهائي پئي ڪانُ.
ڏينهن هجي يا رات،
آهه ڏنو جنهن ساهه رَبَ؛
هر پل رک من تاتِ.

گووند جا گُڻَ ڳاءِ،
اَملهه ڏنو آ جنهن جنم،
"جيون" سڦل بڻاءِ!
نار نبل کي تار،
عرض نماڻي سُڻ سَڄڻ،
بيڙي ٻُڏل اُڪار.

ماتا ڪر تون مَهرَ،
هيڻي منهنجي حال تي،
ديا جي درشٽي ڌرِ،
ٻرَ ڏي ڪين نهار،
هِمت جو ٽُرهو ٻڌي،
"جيون" وَڃُ هَن پار.

سڦل بڻائج جنم،
صاف سچو رک مَن سدا،
ڪين ڪُڌو ڪر ڪو ڪم.
تَتي ٿڌي تون ڪاهه،
ڀو - ڀولا سڀُ لاهه تون،
پريت سَڄڻ سان لاءِ.

مَنَ سان ڪَرِ تون ٻاتِ،
پاڻ سُڃاڻج پاڻ کي،
آتم ڏن ڪَرِ پراپت!
جن جي من ۾ چاهه،
ويل اُسهڻ جي نا ڏِسن،
سولي ٿيندي راهه.

پورن ٿي وئي آسَ،
ڇَڏيو مِلائي موهن سَڀُ،
من ۾ ڪَري نواسُ !

نام جپڻ جي ويلَ،
آهه شهائي هيءَ گهڙي،
ڪَر نه سُمهي اَويل !

پيم- پنيءَ جي راڳ،
موهيو مَنَ کي ڪيترو،
سدِ گُرُ ٿيا سڄاڳ !

جوڳي جوڳ پڄاءِ،
ڪَر ڪا پلائي پونءِ سان،
ڏُکين سان دِلِ لاءِ.

سازيندڙ جو سازُ،
رڳ رڳ ۾ گونجي جڏهن،
سَلي روحاني رازَ !

فقط نه گوڪل ڌام،
پُرَ ڀارت جي هرگلي،
پيارُ ڪري گهنشام.

موٽا وَساءِ مينهن،
بِن اِنجي کهڙو گذر؟
لڳي نه ڪنهن سان نينهن !

ظلمن جي هيءَ ڄار،
ڪڏهن ڪٽيندين ڪرشنا،
هاڻي ته وٺُ اوتارُ.

وائي ويرُ وِسار،
پيڙُ نه مندر مسجد ۾،
سَڀَ جو هڪ ڪرتار !

جيئڻ بڻيو جنجال،
شُڪر بدلي هِتِ ڏُک گهٽا،
شيام مِلاءِ ملال.

سَنتَ ڪَيپي ٿي سانت،
ڏياڳي جو سنسار کي،
تنهنکي مِلندو ڪانتِ !

ڪرشن جا سڀ ميتَ،
شرڌا ڀڳتي-ڀاوَ سان،
ڳائن ملڙا گيت.

راهہ ۾ وِکڙيل خار،
قدم سنڀالي رَکُ سَڄڻ،
پاڻهي پوندين پار !

کينَ مچيندس هار،
جيسين قائم آ ظُلم؛
تو لئہ آهہ ڏکار!

پورو ٿيندو چاهہ،
منزل پهچان سيگهہ جي،
هکوار کرين جي لاهہ !

کُچلين جو نہ رواج،
خيال پُراڻا ويا سڙي،
نئين کا جوڙ سَماج،

جن جي مَنَ ۾ تات،
شک نہ سُمهن جيڏيون،
ڏينهن هجي يا رات !

ٿي ڏي کين نهارِ،
ڀل وِهامڻ کين ڏي،
تنهنجو ڀولو ٻار.

سهڄ سان مَنَ دِلِ لاءِ،
سنگ نا کوڙي ساڻ کَرِ،
کَپڻ جي باهہ وِساءِ.

جي تون آهين سجاڳُ،
محنت پڻ گڏجي کبي،
ديس جو ٿهندو ڀاڳُ !

ساٿي ساندهہ کاهہ،
ماڳ نہ جيسين تو مِلي،
سِرَ جو سانگوَ لاهِ !

ڏُکن سکن جي جنگ،
منهن ڏي هر پل مَرد ٿي
علاج نشو نا ڀنگ !

ڇا لئہ کرين تو دانهن ؟
کَنَ ۾ ظالم ٻئي کپهہ،
دَمُ رک پنهنجي ٻانهن !

ٻکي بچائيج کنڀ،
اُڏري وڃ آکاسِ ۾،
ڦيرو ڏيندءِ ڏنڀ !

پنهنجي پيرن پاڻ،
جيسين بيهڻ ڪو سگهي،
تيسين ڪَڍندو ڪاڻ؛
چارڻ ڇور ڪو چنگُ،
منزل پنهنجي تي رَسان،
پورا ٿين اُمنگ.

ڪٽندا باري بارُ،
ڏُک ڪان جو دلگير ٿين؟
ايندي نيٺ بهار.
تتي ٿڌي تون ڪاهِ،
مِلڻو ٿئي محبوب جي،
ڀِڃِ جا ڦُرڻا ڦاهِ!

ڪهڙي ڪم جي جاڳ؟
سوچي سوچي وئي گذري،
ملي نہ منزل ماڳ.
جاڳيو آ سوُماڻ،
هاڻ نہ سهندس وَڌِ ظُلم،
لِپَ لِپَ تي اَيمانُ!

ڇوٽ مَٽان هڻُ ڇوٽَ،
لوهہ تَپائي مون رکيو،
ڏاهِ ظلم جو ڪوٽ!
حرفت جي هيءَ جار،
آهہ پرائي هاڻ ٿي؛
ٿيندس ڪين شڪار!

قيد ۾ سنڌڙي ماءُ،
سؤر هزارين پٺي سهي،
صدقي ڪَر تون ساهُ.
غفلت ۾ غلطانُ،
رَهُہ نہ سدائين يار تون،
وَڃڻ نہ ڏي شيطان.

نانهن سمهڻ جي وَيل،
تتي ٿڌي هل ڪاهيندو،
منزل پهچ سوَيل.
ڪنهن ڏانهن ڪين نهار،
منزل کي رکہُ خيال ۾،
پنهنجو ٻوٽو پار!

ڪرم ڪندو تون هلُ
توڪل جو ترهو ٻڌي،
ليڪ ته ملندءِ اللهُ !

نهرن جو هي شور،
ڀلي ڏڪائي پرَ نه ڏج؛
چاهه نه ڪر ڪمزور.

ڪين ٻڇائج پورُ،
غم پڻ ڇا جي لئه ڪرين ؟
سونهن شڪن جا سورُ.

پري نه آهي پنڌ،
جي تون چاهين ٿو ملڻ؛
ڪوري ڏج تون ڪنڌ.

تَڏون ڪُها ۽ لاهه،
راهه اَلانگي ڀلِ هجي؛
ٻانڌي اَهڙي ڪاهِ.

ڪينِ ڪَپي ٿو مانُ،
ڪوڙي خوشامند پڻ وَٺي؛
سَچَ جو ٿئي اپمانُ.

راهون ڏسان، اَلاهه،
من ڀنيلجي ٿو وڃي؛
سوچي رک ٻيگُ راهه.

ڪنهنجو آهي دوشُ ؟
هرڪو هِڪٻئي ڪان ٻڇي؛
ڪير چور ؟ نرِدوش ؟!

مورنِ جو آن مورُ،
پنهنجو پاڻ سڃاڻ تون
ناهين تون ڪمزور.

ٻئي ڪي ڪهڙو ڏوهه ؟
حالت پنهنجي سان جَڏهن؛
پنهنجن ئي ڪيو ڏوهه !

جهاڳ سجڻ تون جهاڳ،
همت هارڻ ڪم ڪچن؛
دور نه آهي ماڳُ.

ڏيکاريندي مؤن نوٽُ،
مشڪل ڪشڪڻ هو لڳو؛
مَنَ ۾ رَکندي کوٽُ !

سِرَ جو سانگو لاهِ،
همت رکي گهڙُ گهيڙ ۾،
پارِ پرينءَ جي ڪاهِ،

پنهنجي هٿِ هلُ پاڻ،
همت سان رَکُ اڳتي قدم
ڇا لئه ڪڍين ٿو ڪاڻ ؟

ڪنهن تي ٻڌج نه بارُ،
پاڙ نه قسمت تي رُکو،
پنهنجو ٻولو ٻار.

ٻئي ڏانهن ڪين نهار،
محنت مشڪلات پاڻ ڪَرِ،
پنهنجو ٻولو ٻار،

لوهه ڪلي فولادُ،
مرد مجاهد هٿ کڻن
ويرن جي اولادِ !

ويل سٺائي ڪَرِ پٽڻ،
مانجهي جلدي ڪڻ سترُ
ڪجهه ٻي ناهه ڪَلن،

جوکم جيءَ جهاز،
واءَ ڏسي گهڙ گهيڙ ۾،
ڏاها ڪڻ همراز،

سڄڻ هنيون نا هارِ
ڏيئي لپو ميدان ۾،
دُشمن ٻيرُ ڪر ڏارَ.

ڪر نه ڏرو وِسرام،
جيسين جڳ ۾ آ ظلم،
تيسين ننڊ حرام !

ڇانيل آ ٻوساٽ،
مشڪل ڪجهي ٿو ساهه ڙي،
اُٿ، سڀ ٻنڌڻ ڪاٽ.

جيسين آهن پراڻ،
ظُلم نه سهندس مان ڪڏهن،
ڪين مڃيندس آڻ.

ڇپن ڪي چوُنو لاءِ،
ڏاڍن کي سَنهُ ڪين ڇَڏُ،
رُخ پنهنجو بدلاءِ،

آھ وڏو ڏنوانُ،
مورک کي مايا مِلي،
عاقل جو اَپمانُ !

سوڙن لاءِ رَبابُ،
آنڊن اَکيان آنسون،
کين مِلي کو لابُ.

ڌرم، کَرم، ايمانُ،
مايا- موھ ويو کڻي،
منش بڻيو حيوانَ.

ڏري ٿيندي ليڪ،
''جيون'' سگھي ساکَ ڙي،
رهو ٿيندءِ هيڪ !

کيئي لِکَ ۾ پاھ،
سجن اَڄ ٻي لوک پيا،
ر تون بيپرواھ.

وچو رکين ٿو ڳاٺُ،
ڙرک هيڪ لِهار کُجھ،
ھر کي لڳئي پيو ڪاٺُ !

پارت سڀ جي ماءُ،
مورک ڇا لئہ وِڄ وڃهين ؟
ويڇو، ويرُ، وِڻاءُ !

آزاديءَ جو هيءُ گھاءُ،
سيجَ بڻي آ سوُرن جي،
روئي هِيتِ هُتُ ماءُ !

ڦهلائي ڏهڪاءُ،
ڏِکي کڏيائون سندُ مان،
وِڇڙي ويا سڀ ڀاءُ !

کَئين گُذريا سال،
جلاوطن مونکي مليو،
مذهب ڪيو بدحال !

کنهن سان ونڊيان حالُ،
عاقل هرکو پاڳ آ،
ڏنُ ٿي هنجي ڏال !

ٻئي مان کَڏين ٿو کاڳَ،
ڏسين نہ پنهنجا عيب ٿو،
پهرين سُڏارِ پاڳَ.

هي ڪَهڙو اِنسانُ ؟
پنهنجي پيٽَ کي جو پيري ،
تنهنجو ڪوڏيءَ مانُ !

پيٽَ ڏُکَ جو آ دوُر،
رِشتن ناتن وَڍِ وِجهي؛
هلي نہ ڪَنهنجو زورُ !

نفرت جي هيءَ باهِ،
وِچِڙي واڇوڙي جيان؛
سَڀُ ڪجهہ ''جيون'' سُواهِ.

مالهون پهتا چَنڊَ،
غافل ڇا لئہ تون رهين ؟
مورک ڇڏ تون ننڊ !

ڪيڏا وڃن پيا گهنڊ ؟
باهہ لڳي سنسار کي،
ساڏن گهريِ ننڊ !

هي ڪهڙو آ ڏام ؟
سمجهن پيٽُ جتِ پاپ کي ،
ڪوڙا ڪم ڪن جامُ !

ڪهڙي ڪم جو دانُ ؟
آسَ رکي جا موت جي
گهري وَلي سنمانُ !

ڪاري ڀيانڪ راتِ،
ڪاڻر ڪَنبٽي وَڏي؛
جيسين لئي پرڀاتِ !

نِڪمي آ سرڪار،
گهرج جي پوُرت جَڏهن؛
وَقت وَلي بيڪار !

ڪَلجڳَ جو آ دوُرُ،
پنهنجي.هرڪو پيو هلي؛
ٻئي جو هلي نہ زورُ.

ڇڏي جڏهن ڪان سنڌُ،
ڪيِن آسان کي حق مِليا؛
قدر نہ ڄاڻو هِندُ !

منهنجي پياري ماءُ،
هنديءَ ۾ ڪيڪاريو؛
مَنَ کي پهتو گهاءُ !

ڳهڙي ڳهڙي ڏهڪاءُ ،
آنتڪوادين ديس ۾ ؛
پئدا ڪيو ٿناءُ !

بغل ڇُري مُک رام ،
من ميرو ، مستڪ تِلڪ ؛
لِڪي پيئي پيو جام.

ٻئي جو رَکن نہ خيالُ ،
نشي پُتي ۽ عيش ۾ ؛
ڇوُرِ رهن بيحال !

ڏرتيءَ جو اُپڪارُ ،
ڪونہ مڃي جو جيڙو ٿو ؛
تنهنکي آهِ ڌڪارَ.

ڪَپٽي بي-ايمانَ ،
رهبرَ مليا ديس کي ؛
ڳهلبو رهي ٿو شانُ !

ڳُذريا پنجاھ سال ،
ڀارت کي آزاد ٿئي ؛
سُڌريو اَڃا نہ حالُ !

جنتا جو دُک دَردُ ،
ڏِنِ ڏِنِ وڌندو ٿو رهي ؛
سَڪٽا مِلن همدرد.

خطري جو اِمڪانُ ،
گهر جو ڀاتي. جي، ٿڙي ؛
وڏو ٿئي نقصان !

زوراوَر جي زورَ.
ظُلمِ مچايو مُلڪ ۾ ؛
جوڙِن هٿ ڪمزور.

چوپٽ ٿيندو راڄُ ،
ديسَ جو ڪولِن ڀيڱُ جي ؛
تِنِ کي شرم نہ لاڄَ .

آهہ ڳُهليو آوازُ ،
جارِ وِڇائي ظُلم جي ؛
جتِ ڪِٿِ حرفتباز.

ڪهڙي ڪم جو دان ؟
موت ۾ جنهن کي ٿو ڪپي ؛
اِسليجي سَنمانُ !

قدرُ وڏي ويو گھٽ،
عورت سان ڳڻ لو ٿهري،
ڪارون، ماڙيون، نوٽ.

ڪُرسيءَ کي آ مانُ،
چَرين اَڳيان ڏسُ جھڪي،
عاقل جو ايمانُ!

جتِ ڪِٿِ ڀرشٽاچار،
ٻڌِجي ڏَنڪي چوٽ تي،
هُلل نہ ڀلِ سَرڪارِ.

ننڊ ڪَري جي عُوامِ،
نيتا رهندا موج ۾،
بگڙي جو نَہ نِظامِ!

سُهڻو نَرُ يا نارِ؟
مَردُ تہ سادو ئي ڀَلو،
نارِ ڪِپي سينگار!

تخت رهيو نا تاجُ،
تڏهن بہ منهنجي سنڌ کي ؟
مِليو نہ پنهنجو راجُ.

ڪوڙا ڪِپلي، ڪَنس،
ڪُڏا ڪارا، وِيا وَڏي.
ڀرَ ڪونہ مِلن ٿا هنس.

سَڀَ شيءِ جي آ ڪوٽِ،
ٻڌُون بهانَا هرِ گهڙِيءِ؛
اَگهہ تَہ وَڌن پيا چوٽِ!

جن کي پيارو ساھ،
لَهرن جي لُڙَ کان ڏڪي،
گِهڙندو ڪيئن دَرياھ؟

نيتائن جي چونڊ،
آهي مشڪل ڪم اِهو؛
سَڀَ جي ڪَنڌ ۾ ڦوُندِ!

ڪيرُ ٻڌي فرياد؟
چورَ ٻٽيا چاڪي جڏهن،
مِلندو ڪهڙو داد؟!

اَڄ ڪلهہ جا ڏسُ ٻارَ،
رَتُ سَتُ جنِ مائٽن ڏنو،
تن کي سمجهن بارُ!

هرڪو پنهنجي آسَ ،
پوري چاهي ٿو ڪرڻ ،
ڪائي ٻئي جو ماسُ !

رهڻ ڏي دل ۾ رازُ .
ديس ۾ دشمن وِيا وَڌي ،
ڳولهي ڪڻ همراز !

ماڻهن رهيو نہ ميٽُ ،
ڪاري ڏن جي زور تي ؛
هرڪو سڏائي سيٺ.

سَچڻ اُٿي تون ويهہُ ،
مَنَ ڪي جِتِ راحت مِلي !
وَنڄِ وراهہ سَنيهہُ !!

نار ڳُڻن جي کاڻِ ،
قدر ڪندو ڪو جوهري ،
ڪنهن ڪنهن هوندي ڄاڻَ.

ساڙُ ، حسد ۽ ويرُ ،
"جيون" دُشمن جانِ جا ،
مَنَ مان ڪَڍُ تون غيرُ.

محفل لڳندو رَنگُ ،
"جيون" جِتِ گياني هجن ،
ڪرو تنيِن جو سنگُ.

کهڙي ڪم جو سنگ !
ڪوٺا جو اُپديش ڏي !
چَڙهي ٻڌيءَ جو رَنگُ !!

ڪَرِ نہ ڪلا تي نازُ ،
ريڊو رَهہ تون رنگ ۾ ،
ٻالهي وَڃندو سازُ !

نَرُ هجي يا نارِ ،
ساٿَ بِنا هيءَ زندگيِ
بڻجي پوندي بارُ !

مائا جو ٻڌُ نارِ
ٻائي اوُچو مانُ ٿي ،
ٿلن سچيل جيئن ٿارِ !

مَنَ جو نرمل ٻارُ ،
جيتي وَٽُ سَدِ يارَ سان ،
"جيون" پوتر پيارُ.

ظالم ڪر نہ غرور ،
حڪم نہ هلندءِ عُمر ڀر ؛
ڏاڍ جو ڇڏ دستور.

ڪٿي نہ آھ قرار ،
پدَ ۽ ڪرسيءَ واسطي ؛
جت ڪٿ ڏِسُ تڪرار ،

سچو نہ ڪوئي يارُ
بِنِ مطلب جي ڪو ڪري ؛
ڪين ٿو ڪنهنکي پيار.

لوڀي من ڪي جامُ ،
ڪپي سدائين بي وَجهہ ؛
چاهي ٿئي بدنام.

ڪيڏا ٿاهي ٿاھ ،
شڪ لئہ شهٽا منش ٿو ،
لوڀ جو ڪاٿو ناھ.

لوڀي مَنَ جو چاھ ،
ڀري چالنگون ٿو وَڌيون ؛
وَسَ ۾ اَچڻ جو ناھ !

کهڙي ڪم جو گيانُ ،
سڀ جي ٻوڙا جتِ هجن ؛
وقت جو ٿيندو زيانُ.

ڀلڪي پيو ٿو روح ،
جنين شهادت هئي ڏني ؛
روشن ڏٺو نہ صُبوح.

اَزل کان ''جيون'' پياسَ ،
آزاد پنڇي ٿل ٻٽان ؛
اَڃا اَڌوري آسَ.

ڪمزورن تي وارَ ،
روز رهزن جا ٿين ،
هيءَ کهڙي سرڪار ؟

رام - راڄ جو خواب ،
مليءَ ملايا رهبرن ؛
هرڪو ٻڻيو نواب !

ٻوڙن آڳيان رَباب ،
اَهڙو آهي جيئڻ هجي ؛
اَنڌڙن لاءِ شباب !

دِلِ تي رَکُ نہ مَلالُ ،
سوچي سَمجهي صَبر سان ؛
''جيون'' ڪَرِ خوشحال.
ڪَرِ نہ ڪڏهن تون عارُ ،
ڦهرَ آليئي رَهُ سَچڻ ؛
ڪُڻ ڳِرهڻ لئہ تيار.

رَکُ نا ڪنهن سان ويرُ
سُوارٿ ڪي وجهہ باهہ ۾ ؛
ناهي ، تو - مون ڦيرُ.
ڪنهن سان رَکُ نہ ويرُ ،
مِلو مِلي ڦلُ پيار جو ؛
ڇو نہ ٿوي ٿوءِ دير.

جنگ نہ ڪنهن سان جوٽِ .
وَڏ ننڍائي واسطي ؛
پنهنجي ڳَڏ نا ڪوٽِ.
جي تو ناهي ڄاڻَ ،
بهتر آ چُپ ۾ رَهڻ ؛
جيسين ٿئي پڇاڻَ.

ناريءَ جو اَپمانُ ،
جيڪو اِنسان ٿو ڪري ؛
سَهُ ٻيهُ آ حيوانُ.
پريت اُنهن سان لاءِ ،
ويسَهہ جن جي دِلِ ڄمجي ؛
سَڏي ڏين تو جاءِ.

جيئن جيئن ٿئي وِستارُ ،
تيئن تيئن پوندو بارُ وَڌِ ؛
ڀوڳيندو نرُ نارِ.
نيتِ سچي رَکُ نيتِ ،
رانديگر تون راند ۾ ؛
هارِ ٿئي يا جيتِ.

اَمن جي خاطر جنگ ،
آهہ نہ سياڻپ جو قدم ؛
تناهہ ڪي ڪر ٻنگ.
مَنُ جي ناهي صافُ ،
لالچ جن جي پيٽ ۾ ؛
ڪينِ مِلي اِنصافُ.

هٿَ تي ڇڙهيل ٻارُ
مارِ نہ ماڻا ٽنهنکي ،
پيار سان ڪيس سُڌارِ.

کهڙو شڪُ پرديس ،
ڏنَ لئہِ گهوريو آ جنين ؛
ملڙو پنهنجو ديس.

ڪٺ نہ سجهڻ اَحسانُ ،
ڦل ڦل ملندءِ ميهٽا ؛
ٽِپَ ٽِپَ تي اَيمانُ.

پرَ ڏي ڪِين نهارِ ،
محنت ۾ وشواس رَکُ ؛
پنهنجي بازن ٻاڙِ.

مَنَ ۾ رَکُ وشواسُ ،
رَهُ ڪندو نشلل ڪرم ؛
پوري ٿيندءِ آسَ ،

مَنَ ۾ تَڙق اُڪير ،
بندَ بندياڻي ڪَٽِ اَلله ؛
موڻان مُلڪ مَلير !

من کي ناهہ قرار ،
جيسين نفرت نا مٽي ؛
مولي اَڄُ تون يار .

ٻار تہ مُهہ جو وارُ ،
چرتر اُنجو هٿ ڪجي ؛
''جيون'' خوب سنوارِ.

سنڌيءَ جو آن ٻارُ ،
سنڌي ٻولي ماءُ جي ؛
هرگز ڪِين وِسار.

دَردُ ، دَردَ سان پيت ،
سيڪو ڏسجي پيو ڏکي ؛
ڪِٿِ بهار ڪِٿِ چيٽُ.

ڇوڏر ٻڌجي شور ،
ڪِنِ وَٽِ مال سَڙن پيا ،
ڪِنِ وَٽِ ناهي ٻور .

خيالن جا تڪرار ،
آهہ نشاني وَڏن جي ؛
گڏجي مُسجي گهارِ.

ڏسي ڏرين تو جيءَ ،
جيئڻ پروسو ناهه ڪو ؛
ڪوسو سهي نہ سيءَ .
وَنڊ وِرهائج جانِ ،
عِلم لڪائڻ نا چڱو ؛
ڪٽي نہ ويندين ساڻُ !

ڪهڙي ڪم جو دانُ ،
جاءِ اُهم ڪي جو ڏئي ؛
گهائي ۾ اِيمانُ .
پهچي ويندين ماڳ ،
هلندو رَهُ تون راهه تان ؛
ننڊ نہ ڪر ، پر جاڳ !

ڪيڏا رَڪين وِقار ،
پيتَ ڪُتي جي واسطي ؛
ڪڍهن نہ من ڪي اُجارِ.
وَٽي تو مَنَ ڪي راڳ ،
ناخوش پڻ خوش ٿي وڃن ؛
بيهوش ٿين سُجاڳ !

مَنَ ۾ رُکُ نہ وِقار ،
ڪٽي ڇا ويندين پاڻ سان ؟
سڀ ڪي سِڪَ ڏي پيار.
ماضيءَ ڪي نہ وِسار ،
اوُٿاين جو ٿياڳُ ڪَرِ ؛
پنهنجو حال سُڌار !

ڪنهن سان ڪجي نہ پيارُ ،
پرَ جي ڪَرين صبرُ ڪَرِ ؛
ڪنهن سان ڪَرِ نَہ پچارُ.
منهنجو سَدورو پيرُ ،
شال مِلائي سَڀُ سنڌا ؛
گهلجي ويچو ويرُ .

نرَ بن نارِ پِڌر ،
وَقت اَڪيلو ڪيئن ڪَٽي ؟
مشڪل آهہ گُذرُ .
هئي ڪي ڏي نہ مَيارَ ،
ٿاڙي هِڪَ هٿ نا وَڄي ؛
سوچ ، سمجهہ ، ويچارِ.

سَلل اُهو ئي دانُ ،
سوارت کان خالي هجي ؛
ٿهري نہ موت ۾ مانُ.

جوين ڏينهڙا چارِ ،
ٻانور ڪَرِ نا ايترو ؟
ايڏو ڪَرِ نہ سينگارُ !

ٻرَ ناريءَ سان پيارُ ،
مَنشُ ڪري برباد ٿو ؛
جِتِ ڪِتِ ٿيندو خُوار .

بيحدِ آهہ غريب ،
ڀارت پنهنجو ديس ڏسُ ؛
اُنسان ڪَرِ نہ فريب !

پيار سان وَسِ ڪَرِ نارِ ،
جوڙي ناتو نيهن جو ؛
هِنيون نارِ جو ٺارِ.

ڪَرِ نہ ڀروسو ميينهن ،
بچت ڪندو رهہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ؛
سدا نہ ساڳيا ڏينهن !

آهين هردم ... ،
اَکين جو تون نورُ آن ؛
سَدا رهين شَلَ شادِ .

نُور بِنا سڀُ ڪوڙُ ،
ڪَرِ نہ ٻرائي نُور سان ؛
چَرتر لڳاءِ نہ ڏوڙ ؛

قدر نہ جِتِ سوُمانَ ،
تِنِ سان ڪهڙو سنگ ڪجي ؟
مَتان ٿيئہ اَپمانُ !

ڪلندو ڪِنَ لئہ پاپُ ،
عُمر سَجي پڇتائبو ؛
لِپَ لِپَ ٿي سنتاپُ !

ماتا جو اَحسانُ ،
رهيئو ساري زندگي ؛
ڪر نہ سندس اَپمانُ .

اُڀ ۾ مڙيا ميگهہ ،
هينئڙو تڙڦي تو مِلڻ ؛
آءُ اَچ ساجن سيگهہ.

نانو ڪُسنگ نہ جوڙِ ،
ڪوڙ کي پُٺتي ڪِينَ ڏي ؛
سچَ کان مُنھن نا موڙِ .

صبر ۽ ڌيرج ڌرِ ،
سوچي سَمجهي کڻ قدم ؛
نشچو پختو ڪَرِ .

هٿي جو گهرُ نا ڏاھِ ،
ڪُھڙا مَنَ ۾ ڪِين رَکُ ؛
پاڻ ذَلل کي لاھِ .

سُستي ڇڏِ ڪَر اُدم ،
ڦلُ مالڪ ٿي ڏي جهڏي ؛
ڪڏھن نہ ملندءِ غم .

جي نہ مِلي ھمراھُ ،
ڌرسُ نہ ڪنھن لئہ راھ ۾ ؛
پاڻ ۾ رَکُ ويساھُ !

جَڳُ چوي پَرَ تون نہ ڇَڳُم ،
تنھنجا ڳُل بہ خار لڳن ؛
ھين کان ناھي ڀَڳُم .

پنھنجي وَسِ رَکُ ڪامُ ،
ٻچڙين نارين سَنگ ۾ ؛
نانءُ نہ ڪر بدنام .

ڪنڌ ۾ ڪِلي غرور ،
صدق سچو جنھنِ دِلِ نہ آ ؛
خالق ملي نہ مُور .

ڪپي نہ پُشت پناھ ،
پنھنجو ھڪ ئي آسرو ؛
سائينءَ جو دَرُ آھ !

رکي جو گياني ڌيان ،
جڳ ساري ڪلياڻ جو ؛
سڦل آ تنھنجو گيانُ .

ماترڀاشا گيانُ ،
پوتر اَھڙو آھِ جيئن ؛
گنگا - جل اِشنان .

ڪر نہ سچڻ مجبور ،
ڪَٽِ نہ پکيءَ جا پَرَ اُدا ؛
ٿِٽُ نہ ڳچيءَ منظور .

ٻٽيئنِ ۾ ڏينهن راتِ ،
ڇورينِ ڇا لئه جلدڙي ؟
اهنجن کي ڪرِ ماتِ.

گوندر منجهه گذارِ ،
ٻئي جي محلن کي ڏسي ؛
هنيون نه پنهنجو هارِ.

ملي نه جنهن وَٽ مانُ ،
تنهن وٽ ڦيرو ڪينَ ڪرِ ،
سَهُه نه ڪڏهن اپمانُ !

جيسين آهين پرانَ ،
دُشمن جي هر چال جي ؛
رکندو رهندس ڄاڻَ.

ٻڻڻ ڌرتي گلزار ،
جنين ٻٽائي خون سان ؛
فرض ڪرڻ سنڀارَ .

ڪَڏهن نَه تون دِلِ لاهِ ،
جهنجو ڪوئي ناهه ڀيو ؛
سائين تنِ همراهه !

جنهجو مَنُ آ صافُ ،
ڪُهڙا رکن نه ويرُ ڪو ؛
ڀلِ کو ٻولي خلاف.

آگر ڀڪڙ نه لنگ ،
ڪنهنکي ڏي نه ميار ؛
ڪر نه ڪڏن جو سنگ !

ڪنهنکي هٿ نا جوڙ ،
سوارٿ خاطر ڪين جُهڪ ،
پنهنجو نانءُ نه ٻوڙ.

ڀرَ جي ڪرِ نه ڀچارَ ،
ڪيرَ جو ڏوتل ڪيرُ آ ؟
ڀورن هڪ ڪرتارُ.

ڇا لئه ڊڄين تو موت ؟
ڇولو ڇڏبو هڪ ڏينهن ؛
سنگ نه ڇڏجان هوت.

رکُ نه من ۾ لوڀُ ،
وَسِ ڪَرِ ڪام ڪروڌ پڻ ؛
مِلندءِ "جيون" سوڀ.

ئيندي جي ڪا سوچ ،
ا لئہ آئين تون جڳت ؟
انتِ ۾ ويهي لوچ .

مجهہ سمجهہ جو ڦيرُ ،
ڪنهنکي گهر پِيارو لڳي ،
ڪنهن کي ڪپي ڦو سَئرِ .

ار مان يار نهار ،
سر ڏکوئي، ڪر صبر ؛
بر هئين جو ٺارُ .

جي ڏِٺو اِقرارُ ،
ڪيو هُن اوچتو ؛
اِهو اِسرار .

ين لڏي هُن سازُ ،
يئي گذريون راتيون ؛
نہ مَڃي دِل هارَ .

ٿ ، نَسل ۽ جاتِ ،
نہ پڇي ڪو عشق ۾ ؛
ي سگهي نا نياتِ .

هردم باسيان باسَ ،
سيگهہ سڄڻ سان شل ملان ؛
پوري ٿيندي آسَ .

تنهنجي مِلڻ جو روڳ ،
تَنَ مَنَ کي بيمارُ ڪيو ؛
تو بِن ٿيئي نہ موڪُ .

ڪانگ نَہ ڏي تون ہانگ ،
ڪوئي اَچٹو ناهِ هِتَ ؛
اُڏر ، نہ هِتَ ڏي چانگ .

تو ۾ مُنهنجو ساهُ ،
پل پل ساجن ساريان ؛
پرَ تون بيپرواهہ !

لهرن منجهہ اُپارُ ،
ڪين ڪي ڏڪنديس مان
سگهي ؛
ساجن ملنديس پار !

وهن ڦا نيڻ مُدام ،
سک ۾ تنهنجي اَئي سڄڻ ؛
لوڪ ڪرن بدنام .

سنگ ڪُسنگين تون ،
ڪوڙ ڪپٽ کان پيھ پري ؛
سھ سان ناتو جوڙ .

نفرت ڪرڙي باھ ،
خاڪ مِلائي منش کي ؛
خوشيون ڪري تباھ .

سڪٽو ڪر نہ وڏاءُ ،
ہلُ جي پورو ناھِ تو ؛
اَھم جو ڪَرِ نہ نَماءُ .

سھ جو داغُ لڳاءِ ،
سوُدو سھ جو ڪر سدا ؛
مَنَ جي راحت پاءِ .

ڦُهرج جو ڪاٿو ناھ ،
مَنُ جي وَسِ نا پانهنجي ؛
چِت کي لڳل آ چاھ .

لڳي جي باھ وِساءِ ،
ڪيئن لڳي تنهن کي نہ ڏِسُ؛
ڏوُلي نئينءَ دُکاءِ .

ٺهيل ٿَہ پوندي ڏاھ ،
ظُلم نہ ڪر تون ايترو ؛
لڳندي نہ ڪِٿي آھ .

دُکين جو دُک لاھِ ،
سَڀَ کان سيوا آ وڏي ؛
وچڙيل يار ملاءِ .

سَپَنئي اونا لاھ ،
موھ ۽ ممتا جارِ ڪَٽِ ؛
سائين ۾ رک چاھ .

گذري منش پلاءِ ،
حال جو دامن تون پڪڙ ؛
آئيندو پنهنجو لاھِ .

ادُنيا ڪينِ کلاءِ ،
ڪرم ڪڏا ڪنهن لئہ ڪرين؟
ڇَڏِلو سَڀُ هِتِ آھِ .

دنيا سڀ آ ڏوڙ ،
مايا چمڪو چار ڏينهن ؛
موھ ممت سڀ ڪوڙ .

ي آ کهڙو پيڊُ ،
هنجي محبت جارِ ۾ ،
سان قبوليو قيدُ !

و سان مِلڻ جي آسَ
ن کي بڻايو بي-چئن !
اجن ! ڪر نہ نِراس .

ڪين لهين ڪا سارَ ،
اتي آهين تون رُلل ؟
قرِ نہ پيار کي خُوارُ !

ائي رهيو آ ڪيرُ ؟
ندُ جا ملڙا گيت ڙي !
ڪين پيو ڏسجي غيرُ !!

عق ۾ آهڙي ريت ،
نام ڪري جا رَکي ،
وري آهڙي پريت !

هون سڀ ٿيون ٻندِ ،
ڇان ڪيئن ملير مان ؛
سر پڪارن رِندَ !

رُسي ويو ا يارُ ،
ڏسِ وِڌِ ، ڪيئن پرچايان ؟
ڦڪيس ڪري اُپچار .

عشق ٻرو آ روڳ ،
وڏي آ پيڙا پريت جِي ،
مشڪل ٿيڻ نِروڳ !

ماءِ ڏئي ٿي ڏاڻُ ،
ڪيڏي نہ لاڏ ڪوڏ سان ،
ٻار تان گهوري پاڻَ !

ڪهڙو ڪيو قصور !
ناتو نڀاهج نينهن جو ،
رَکُ نَا دِلِ کان دوُرِ !

گهوٽ سگهو تون موٽ .
لاءِ نَہ ٻيءِ سان دل ڪٿي ،
رَکين مَتان مَنَ کوٽ !

گوري ڪر نہ ويچار ،
آءٌ تہ پرچون پاڻ ۾ ؛
شمع پريم جي ٻار .

تنهنجو هي سينگار ،
کهڙي ڪم جو آهه ڙي ؟
جيسين پريتم ڏار !

پگهت ڪنور منڌار ،
سدا رهين تو ياد مون ؛
تو تان سڀ ٻلهار .

رهي ٿي سنڌ ۾ ماءُ ،
ڳڌر ٿيو ڳٽيون ڪندي ؛
”جيون“ جو نرواهُ .

تنهنجي مست نگاهه ،
موهيو ڪيڏو خلق کي ؛
سڀ جو تو ۾ ساهُ !

پَلِ پَلِ تنهنجي تاتِ
رات وِهامي ياد ۾ ،
لُڇندي ٿي پرڀات !

اوريان ڪنهن سان يار ،
سورن سنديون ڳالهڙيون
مُحب رهيا هُن پارِ !

ظالم جي تلوار ،
پياسي عاشق خون جي ؛
وڃڙي وِيا سڀ يار !

چوڏهين جي هيءَ رات
دانهون پئي دِلڙي ڪر
آهِ سَڄڻ جي تاتِ.

ڏي ڪو ڏسُ ميهارَ ؟
تو ۾ شُهڻي ءَ جا ڏلو ،
گهوريو هُن سنسارُ !

مونکي پياري هِندُ ،
آهِ برابر جيئڻ گهٽي ؛
گهوريان پرَ ڪيئن سِنڌ

اَلا ! عجب هيءَ گهورَ ،
جهوري مُنهنجي جندڙي ؛
نوان ڏنائين سورَ !

مرضي تُنهجي يار ،
جوڙ ، توڙ يا ڦاهه ڪر ،
عاشق سڀ لئه تيارُ !

٥- درد دُکين جو کين ٿا سمجهون ،
وشيہ ڀوڳ واسنا اَهميت ڏيون ؛
اُهم جي وَسِ ”جيون“ آڪڙ ۾ ،
هستي مالڪ جي کي ڀلايون .

٦- سنتن جو سنگ ڪر تون پيارا ،
جيڪي جڳ کان آهِنِ نيارا ؛
قُرب جي ڀوڪي رَهن ٿا پڙهندا ،
وَجن سَدائين نينهن جا نغارا .

٧- سنتن جو آ هردو ڪومل ،
صاف سَچو من ، آهي نرمل ؛
تِنِ جي خِدمت رَهه تون سدائين ،
ملندو توکي سيوا جو ڦل .

٨- سنتن سان رَکُ دِلڙي ملائي ،
سُکدائڪ ڏِسُ وَڃن هنڊائي ؛
راهه جا روڙا ٿيندءِ دور ،
سنت ڇڏيندءِ پارِ پهچائي .

٩- پاپن جي هيءَ آهي نگري ،
اَصلي نگري منش کان وِسري ؛
پرم -پتا کي ياد سَدا ڪَرِ ،
عمر سموري وئي ٿي گذري .

چوپايون

١- ستگر پنهنجي مهر ديا ڪَرِ ،
پيار سندو هٿ داسَ اُتي ڌر؛
من کي موهه ڪان ڏي ڇُٽڪارو،
هن ئي جنم ۾ پهچان نج-گهر.

٢- پنجن تَتن جو ٺهيل شَرير ،
بنا آتما آ سدا فقير ؛
ڪوڏيءَ جو مُلهه آهي اِنجو ،
هڪ مالڪ ئي آهه اَميِر.

٣- بنڌن پريو ڇَڏِ تون توڙي ،
يمن شُمرن سان رک تون جوڙي؛
ليکو ڪرمن جو ڪَرِ پورو ،
هن جَنم ۾ ڇَڏِ تِنِ بوڙي.

موهه ۽ مايا جا سڀ بنڌن ،
اَهنڪار سان گڏ وڏندا رَهن ؛
جيوَ جا ويري جيوَ ڏِسون ٿا،
هيءَ ڪهڙي مايا آ پيگون ؟!

١٥- ڏکي سڄو سنسارُ پيو ڏسجي ،
ڪنهنجي ڪنهنجي هِتِ چنتا ڪجي ؟
مالڪ جلدي وَٺُ اوتار ،
جڳ جو ڏک ۽ پيڙا گهٽبي .

١٦- ستگر مهر جو هٿُ رکُ مونتي ،
آهه ڀروسو تُنهنجو توتي ؛
آنءُ نبل ۽ هيٺو آهيان ،
تو بنِ ٻئي نہ ڀروسو ڪنهن تي .

١٧- مالڪ مهر دَيا ڪَر مُونتي ،
من ڪر اُوجل ، پوِتر دِل ڏي ؛
تُنهنجي پيار ۾ رَتل رهان مان ،
مَنُ وِچلت شل ڪڏهن نہ ٿي .

١٨- هي جڳ سارو آهه تماشو ،
کير ۾ کنڊ يا وجهو پتاشو ؛
چَشڪي جي هِتِ ڪمي نہ آهي ،
چنچل من ، هردم چاهي شو !

١٩- هردم سائين آهين ساڻُ ،
مان نربل ، مورک اَجاڻُ ؛
آخر ٻيڙي پارِ لنگهاءِ ،
ڀٽڪيل کي دڳ لاءِ سڄاڻ !

١٠- جوڙ پريم جو سڀ سان ناتو ،
موهہ جو ڪولِ نہ ڪنهن سان ڪاتو ؛
وهنوار ۾ رَهہ سڀ سان سچو ،
سُکي اُهو جنهن پاڻَ سُڃاتو .

١١- جڳ ۾ جي تو جيئڻو آهي ،
موهہ جڳت سان رکڻو ناهي ؛
رب جي ڀاڻي تي رَهہ راضي ،
ٿيندو اُهو ئي جو هو چاهي .

١١- جڳ مان سُک جي آس نہ رک تون ،
ڀڄن پيار جي ماکي چک تون ؛
اَمن چئن هت اَڇڻو ناهي ،
سانت ۾ ويهي جَپڄ اَلک تون .

١٣- پريم جي جوتِ اَنوکي آهي ،
ذات - پات جو ڀيدُ مِٽائي ؛
رنگ روپ ڀل کهڙو بہ هُجي ،
اِنسانيت جو سبق سِکائي .

١٤- پريم جو پيالو جيڪو پيئندو ،
فقط نام جي مستيءَ رَهندو ؛
مِلڇي ليکا سرحد ويندا ،
جنهن ۾ ٽنهن ۾ آتم پسندو .

٢٥- جِتِ ڪِٿِ آهي تنهنجو واسو،
هر هنڌ ئي آ تنهنجو پاڇو؛
اِندرين جي وَسِ ٿي ويو مَنُ،
مورک من وشين ۾ ڦاٿو:

٢٦- گورک ڌنڌن آهي جَڪڙيو،
موهه ۽ ممتا مَنَ کي وڪڙيو،
داتا سمجهه سچي ڏي مونکي،
مون آ تنهنجو دامن پڪڙيو.

٢٧- ڪوئي سنگ نہ هلڻو آهي،
ڪُوڙو سنگ مَنُ ڇو ٿو چاهي؟
ڀٽڪي هِت هُت، ٽِڪي نہ هِڪَ هنڌِ،
چاهت جو ڪو اَنت نہ آهي.

٢٨- پريو ڪان وڇڙي جڳ ۾ آيسُ،
مٺيا مايا ۾ مان ڦاٿس؛
ڪُوڙي جڳ کي سمجهان سچ پيو،
سچ جي راهِ ڀُلائي ويٺس.

٢٩- ريتِنِ رسمن غلام آهيون،
ڪرم - ڪانڊ جي جار وِڇايون؛
سنتن جي وچنن کي سوُلو،
ڪين مڃون ٿا، ڪين هنڊايون.

٢٠- تون ئي سائين آهين ڪامل ،
مان مورک ،ڪاهل ۽ جاهل ؛
عيب نہ مون ۾ آهن ڪيئي ،
مَنُ اِندرين جي وَسِ پلڪيل .

٢١- سيني ڌرمن جو هڪ سارُ ،
هڪ ئي خالق جو ڪر ويچارُ ؛
سڀ ۾ هڪ ئي روح رَمي ٿو ،
سڀ سان رک منڙا تون پيار .

٢٢- وئرت مون آ وقت وِڃايو ،
ڪوڙي جڳ سان سنگ رَچايو ؛
هاڻ نہ مالڪ مهر ديا سان ،
ٻڏل داس جو ٻيڙو تاريو .

٢٣- هر هنڌ تُنهنجو جلوو پسان ٿو ،
چنڊ ، سج ، تارن روشن چمڪو ؛
"جيون" جوت سڀن ۾ وياپڪ ،
سائين مِلاءِ من مان اَنڌارو .

٢٤- ستگر روشن راهہ ٻڌاءِ ،
من کي مايا ۾ نہ ڦلڪاءِ ؛
جنم - مرڻ جو ڪَٽ تون ڦيرو ،
پنهنجي چرنن ۾ ڏي جاءِ .

۲۵- پنهنجي پنهنجي رِيتيُنِ رسمن ،
مورک مَنش کي ڀيا ڦاسائن ؛
سنتن جي أصلي ٻولن کي ،
پنهنجي سُوارٿ لئہ بدلائن .

۲۶- ٿين ديالو سنت سدائين ،
ڇو نَہ اُنهن سان چتُ ٿو لائين ؛
شرن تنين جي چرنن ”جيون“
ڇو نہ ٿو چنتا-آڳِ ٻجهائين .

۲۷- منزل جو رک ڏيان سدا تون ،
پائيندين هڪ ڏينهن خُدا تون ؛
سانتيڪي ئي ويل آ بهتر ،
ٻريوءَ جو ڪَرِ ڀڄن اَدا تون .

۲۸- مَنُ اِندرين جي وَس ۾ آهي ،
يوڳ - وِلاس ۾ پيو ڀلڪائي ؛
مائيءَ جي مک جيئن ڦاسي ٿي ،
سُڌ ٻُڌ اِنسان ڇڏي گنوائي .

۲۹- واٽ اَٽانگي اوُکي آهي ،
هيٺ مٿاهين ، سڌِي ٻہ ناهي ؛
هجي جڏهن ڏِسُ واٽ سٽائو ،
منزل ڏي پئہ ملڙا ڪاهي .

٣٠- ڦهرَ اَليئي ڀيٽ جي چنتا ،
ڀاپ ڪرمِ جا ڏسجن رستا ؛
ڇولو ڇڪَ ۾ ميرو سدائين ،
سري ويئي پرم آتما .

٣١- پريو تنهنجون ڪيئي ڀلايون ،
مون ۾ آهن ڪيئي منداڻيون ؛
''جيون'' جا ڏک عيب تون سائين ،
پاپ مٽائي ڪر تون ڇڏايون .

٣٢- سنتن کي تا خوب ستايون ،
کين تا ڪيئي ڪشٽ پهچايون ؛
صليب تي عيسيٰ کي چاڙهي ،
خوشي ٿي ڪيڏيون ڪَبِيون هنيائون !

٣٣- وِشال دل ڏي مونکي داتا ،
سڀ جو آهين ماتا ۽ پتا ؛
ڇا لئہ ڪنهن کان نفرت ڪريون ،
آهيون هڪبئي جا ئي ڀراتا .

٣٤- پنڊت، پيرَ، فقير ۽ باوا ،
ڦري اَبوجهن ، ٿين تا ساوا ؛
پريوءَ جي نالي ۾ ڪيڏا ،
پيڙا برفيون کائن ميوا .

٢٥- ڀڄن ۽ سمرن سان تون مَنَ کي ،
پوتر ڪَر تون ساري تَنَ کي ؛
شبد ڏنيءَ سان ، مَنَ جو ناتو ،
جوڙِ ، تون ڇَڏِ ڀوڳ وِلاسن کي ۔

٢٦- ستگر ، سائين ساڻِ ملائيج ،
اَنڌي من تي راهِ ڏيکارج ؛
ڀنر ملن لئہ ملي تو ستگر ،
سائين مهر جو مينهن وَسائيج ۔

٢٧- بندي جي وَسِ ڪجھہ ڀي ناهي ،
پالڻهي ڳاهڻ وارو ڳاهي ؛
جتي ويهاري واه واه ڪَر تون ،
صبر شڪر ڪر جئن هو هلائي ۔

٢٨- موه ۽ ممتا ، ڀوڳ ترشنا ،
من کي ڀٽڪائي پئي چاهنا ؛
بندا سُمرن سان ڇڏائيج ،
من چاهي تو جڳ جي رسنا ۔

٢٩- سُمرن سانُ ملي شڪُ مَنَ کي،
شبد ڏليءَ سان موهج هَنَ کي ؛
پوِتر ليندو آهِ جڏهن مَنُ ،
تڏي ڇڏيندو جڳ ڇنتن کي ۔

٤٠. يوڳ وَاس جو رهه نا ڀاندي،
رحمتا ليلا ته مالڪ ليندي ؛
ڪر تون همت سان ماتِ مُصيبت،
ڪين مِلا ڪَرِ دِل تون ماندي !

٤١. ڀاوَ سچي سان ڪَرِ تون سُمرن،
پرم پِتا سان لائج چِتُ مَنُ ؛
وشيه وڪار ته ڀلڪائيندا،
وس ۾ رک پنهنجي اَندرين.

٤٢. شبد ڏنيءَ سان رک مَنُ جوڙي،
موهه ممت جَڏِ ناتو توڙي ؛
جڳ ۾ سڀ ڪان رَهه تون نرالو،
اَهم، وَڏائي، نفرت ڀوڙي.

٤٣. ڏک ۾ ياد ڪرين تو اَلک کي،
مورک سُک ۾ ڇڏين وِساري ؛
جنهن مالڪ تو ڏنو آ سڀ ڪُجهه،
''جيون'' ڪيئن تو ڇڏين ڀلائي ؟

٤٤. يوڳ وِاس ۽ ڏهه تي اِندرين،
من هڪڙي کي ويڙهي ويئون ؛
خواهشن کي ڪر ترڪ تون پيارا،
من کي موهه کان ڇڏڪارو ڏيون.

٥٥- نام سان جوڙي ڏس تون مَنَ کي ،
يار بڻائج ، آتم - ڌن کي ؛
شِو - نيتر ۾ سانڍ ٻنهي کي ،
شبد ڏني ۾ ٻوڙج تِن کي ۔

٥٦- نام ڌُني سان ريجهائج مُنُ ،
کيس جدا رک ، دشمن اِندرين ؛
پهچائج ترِڪٽي ڌام ۾ ،
حاصل ''جيون'' ٿئي آتم - ڌنُ ۔

٥٧- ٻچن ڀاؤ سان آنند پاءِ ،
سمرن سان ست وچن هنڊاءِ ؛
پريوءَ کي ڪر ياد سدائين ،
اَهم - ڀاؤ کي مَنَ مان مٽاءِ ۔

٥٨- پرم آتما سان رک تون پيارُ ،
من جي چنچلتا کي مار ؛
راضي رهه تون ، رب جو ڏي ٿو ،
ڪنهن سان ڪَرِ نہ ڪڏهن تڪرار ۔

٥٩- ڪورهئڙي جيئن پنهنجي لئہ پيو ،
جار اُلين وشيہ - وڪارن جو ؛
جنم مِرتُ جي چڪر ۾ ڦاسين ،
ڪرم ڪُڌن سان دل لائين ٿو ۔

۵۰- سائين ستگر سانُ مِلائج ،
من مان اوندهہ جلد ملائج ؛
من ۾ گيان جي گنگا وهائي ،
سچي ڏام جي راهه ڏيکارج .

۵۱- پيار جي شڪتي ڏي تون داتا ،
هرِ پراڻيءَ سمجهان پراتا ؛
''جيون'' پيار جو پياسي آهي ،
سنت سڄڻ سان جوڙِيان ناتا .

۵۲- دان ڪَرين يا پنهه پڻ ڪيڏا ،
گرنٿ پڙهين پل تون جيڏا ؛
من آ چنچل ، ڪين اَچي وَسِ ،
جيوَ نچائي ، ڏي تو لوڏا !

۵۳- ڪرم سٺا ڪر ، عقل هلائج ،
ٻڏي دليلن سانُ منائج ؛
مَن کي شبد سان جلدي جوڙ ،
وقت اَجايو ڪين وڃائج .

۵۴- وشيہ - وڪارن جو من ساٿي ،
ڀوڳ وِلاس سان ، آ دِلِ لاٿي ؛
اِندرين جو هو آهه غلام ،
آتما جو آ دشمن گهاتي .

٦٥- مايا من کي پنيلائي ٿي،
پوءِ وِلاسَ ۾ ڦاسائي ٿي؛
ڪوڙا رشتا ناتا جوڙي،
"جيون" موھ ۾ اٽڪائي ٿي.

٦٦- آئين ھن جڳ منجھہ اڪيلو،
ڪيڏو جھنجھٽ وِجھين ٿو رولو؛
"جيون" جن لئہ پاپُ ڪمائين،
ساٿ نہ ڏيندءِ ڪوئي چيلو!

٦٧- ڪونَ ڪرمن پوئن خاطر،
جنم مِلئہ ٿو جڳ ۾ وَرِ وَرِ؛
"جيون" ملڙا ڇو نہ ٿو سوچين؟
جَڏا پاپن ساڻُ نہ جهولي ڀرِ.

☆☆☆

٦٠- پنهنجي سک جي لاءِ جُتايا ،
کيڏا آهن مال مليدا ؛
سنگ نہ هلندا سيئي تو سان ،
رهجي سڀ هتڙي ئي ويندا .

٦١- وشيہ ڀوڳ ۾ من اَلڪيل آ ،
چت آ چنچل ، مَن ڀلڪيل آ ؛
ايڪاگر ڪَر منُ شِو نيتر ۾ ،
جوڙ آتما جو اُن سان رچيل آ .

٦٢- شِو - نيتر مان پوءِ آتما ،
ملندي ڀاڳ وچي پرماتما ؛
جنم مِرتُ کان ملندءِ مڪتي ،
''جيون'' پوري ٿيندي ياترا .

٦٣- هي مَنَ ڪَرِڪا ، سَچَ جي ڪمائيِ ،
ڪوڙ ڪپٽ ۾ عمر گنوائي ؛
وِشيہ وڪارن ڀاڳ بچائيجِ ،
اِن ۾ ''جيون'' آهہ ڀلائي .

٦٤- جڳ ۾ ڪال وِڃائي جارِ ،
من کي بڻائي تو هوشيار ؛
چنچل مَنُ آ اِندرين جي وَس ،
''جيون'' ڦهلائي وِيچارُ .

پنجن (٦) راڳ : پيروي

ڪيئن وِساريان ، ملڙي ٻولي ،
ماءُ ڏني مون ، جنهن ۾ لولي !

ڪمي علم جي ، ڪانہ اَدب جي ،
سنڌي جيوت ، جنهن ۾ پَسان ٿي ؛
لکڻ پڙهڻ ۾ آهي سؤلي - ڪيئن.....

توسان ، هِن سان ، خيال ونڊيان ٿي ،
ٻئي ڪي سؤلو ، سمجهي سگهان ٿي ؛
اُڏِران ٿي جيئن ، اُڏند ڪٽولي - ڪيئن.....

دَرويشن جا وَچن پڙهان ٿي ،
ملڙا تِنِ جا گيت ٻڌان ٿي ،
ڇو ڦهلايان ، ٻئي هنڌ جهولي ؟ ڪيئن.....

شاهہ ، سچل ، ۽ سامي جنهن ۾ ،
بيدل ، بيڪس ، بيوس تنهن ۾ ؛
روحل جي پڻ رهنديس گولي - ڪيئن.....

ويسُ ڇو بدليان ، ڦڏُ ڇو ڪَليان ؟
''جيون'' ڇو مان ، شانُ گهٽايان ؟
جنهنجي صورت ، ڀالي ڀولي ! ڪيئن.....

ڀڄن (٥) راڳ : ڀوپالي

ڳروءَ جي ڪرپا ڪل ٿئي مونتي،
داتا ! سمجهه سچي ڏي مونکي !

١- دَرَ دَرَ ڀٽڪي ماءُ-پيءُ وَرتو،
پرَ مون تنِ جو قدر نہ ڄاتو،
ماءُ جي کير جي ڇڏيم لڄائي. ڳروءَ .....

٢- ڏيئي سهارو مونکي بچايو،
سوُرَ سَوَن سان پاليو پوسيو،
ڀالَ ڀلايون ڇَڏيم ڀلائي. ڳروءَ .....

٣- ڳروائيءَ جي امرت وَرکا،
پَل پَل مونتي، ڪئي هئي ماتا،
مايا موهه ڇڏيو ڀرمائي. ڳروءَ .....

٤- نشي پتي ۽ ٻري ڪرم ۾،
ڪوڙي ڏنڏن ۽ ڪُڪرم ۾،
هاڻِ نہ منهنجو مَنُ پڇتائي. ڳروءَ .....

٥- ڀڳونَ ! عرض ڪريٿو "جيون"،
داتا ! راهه سچي ڏسِ هن مَن،
مَنَ مان ڇڏ اهنڪار مِٽائي. ڳروءَ .....

ڀڄن (٢) راڳ : آسا

مهرڪر، ديا ڪر، سڀاجها تون سائين،
مصيبت ۾ مالڪ، مدد ڪرِ سدائين؛

١- ڄڻائيءَ جو ڳڻ ڏي، سلي صاف دل ڏي،
سمجهه ڏي تون سائين، ڏِڪاريان نه ڪنهنکي؛
مِٽي پاپَ ويندا، ڳلي جي لڳائين. مهر ڪر......

٢- ملو سڀَ سان ٻوليان، ملي سنڌي ٻولي،
سڳنڌي گلن سان، پريان سڀ جي جهولي؛
ديا جا اي ساگر، سڀ ڪي تو ڀائين. مهر ڪر......

٣- ڏِنگي راھ اوکي، انڌيرو مٿائيج،
ڪري راھ روشن، سنئين وات لائيج؛
أڙيل تي مهر ڪر، متان تون ڀُلائين. مهر ڪر......

٤- عجب تنهنجي دُنيا، عجب سڀُ نظارا،
لُڀائن ٿا دِلِ کي، لڳن ڪيڏو پيارا؛
جهان ۾ آنوکي تو جوتي جڳائين. مهر ڪر......

٥- نه محتاج "جيون" ٿِئي هن جڳت ۾،
عمر ساري ڪَٽجي، گُڻين جي سنگت ۾؛
سخاوت جا مالڪ، تو سڀ سان نڀائين. مهر ڪر......

ڀڄن (٣) راڳ : مالڪونس

ڀڄون پل پل تو کي ساريان ،
مَن پنهنجي کي ڪيئن مان ماريان ؟

١- جيئڻ مرڻ جو گيان نہ مونکي ،
ڌرم ڪرم ۾ فرق نہ ڄاڻان ؛
عيب سيئي ڍڪجانءِ مالڪ ،
سڀ جو خير سدائين چاهيان ؛
ڏک کي ٻي سُک ، سمجهي گهاريان. ڀڄون......

٢- تنجي ويئي ساري جواني ،
ڏاتر تنهنجي مهر ميا سان ؛
هاڻ ٻڍاپو مالڪ پالهي ،
ڏيئي سهارو سک سان ڪٽجانءِ ؛
شڪتي ڏي تون ،ڪين وساريان ! ڀڄون......

٣- آسَ فقط مون آهہ اِهائي ،
چرنن ۾ چتُ رهي سدائين ؛
ٻِڪَ ڏي شرڌا من ۾ ڀڳتي ،
سڄَ جي جوتِ جڳايان سائين ،
”جيون“ تنهنجي اوٽ گذاريان ! ڀڄون......

پچن (٦) راڳ : پيروي

كيئن وِساريان ، ملڙي ہولي ،
ماءُ ڏني مون ، جنهن ۾ لولي !

۱- كمي علم جي ، كانہ اَدب جي ،
سنڌي جيوت ، جنهن ۾ پسان ٿي :
لکڻ پڙهڻ ۾ آهي سؤلي - كيئن.....

۱- توسان ، ھن سان ، خيال ونڊيان ٿي ،
ہئي كي سؤلو ، سمجهي سگهان ٿي :
اُڏِران ٿي جيئن ، اُڏند كٽولي - كيئن.....

۱- دَرويشن جا وَچن پڙهان ٿي ،
ملڙا ٻِنِ جا گيت ٻڌان ٿي ،
چو ڦهلايان ، ہئي هنڌ جهولي ؟ كيئن.....

- شاهُ ، سچل ، ۽ سامي جنهن ۾ ،
بيدل ، بيكس ، بيوس تنهن ۾ :
روحل جي پڻ رهنديس گولي - كيئن.....

- ويسُ چو بدليان ، ڦڏُ چو كَليان ؟
’’جيون‘‘ چو مان ، شانُ گهٽايان ؟
جنهنجي صورت ، ٻالي ڀولي ! كيئن.....

ڀڄن (٥) راڳ ۽ ڀوپالي

گُروءَ جي ڪرپا ٿل لئي مونتي،
داتا ! سمجهه سچي ڏي مونکي !

١- دَرَ دَرَ ڀٽڪي ماءَ-پيءُ وَرتو،
پرَ مون تنِ جو قدر نہ جاتو،
ماءُ جي کير جي ڇڏيم لڄائي. گروءَ .....

٢- ڏيئي سهارو مونکي بچايو،
سوُرَ سَوَن سان پاليو پوسيو،
پالَ ڀلايون ڇَڏيم ڀلائي. گروءَ .....

٣- گُروائيءَ جي امرت وَرکا،
پَل پَل مونتي، ڪئي هئي ماتا،
مايا موهہ ڇڏيو پرمائي. گروءَ .....

٤- نشي پتي ۽ ٻري ڪرم ۾،
ڪوڙي ڏنڏن ۽ ڪُڪرم ۾،
هاڻِ نہ منهنجو مَنُ پڇتائي. گروءَ .....

٥- ڀڳون ! عرض ڪريتو "جيون"،
داتا ! راهہ سچي ڏسِ هن من،
مَنَ مان ڇڏ انڌڪار مِٽائي. گروءَ .....

ڀڄن (٨) راڳ : درباري

سنڌوءَ جي ڪناري ، سنڌوءَ جي ڪناري ،
سڏي ڪير پيو ٿو ، پڪاري پڪاري !
ملا اَڄ ! سڄڻ اَڄ ! اَچي مل تون مونسان
سنڌوءَ جي ڪناري

١- هوا ڪيڏي مَعتر، ملو جل آ پوِتر ،
مشڪ ساڻ پنهنجي ، پٽي دل ڏٺاري !
سڏي ڪيرُ !

٢- ڪريان ياد نِتِ پيو ، اَکيان تو نِمان ٿو ،
نہ پل ٻي مان هڪڙو ، ڇڏيو تو وِساري
سڏي ڪيرُ !

٣- ڀلا تنهنجا ماتا ، ڪيئن مان ڀلايان ؟
ڏنہ ملڙي لولي ، هندوري سمهاري .
سڏي ڪيرُ ؟

٤- اَزل کان ڳنڍيل آ جو ناتو آ تو سان ،
ڏنئہ پيارُ ڪيڏو ، مون گوديءَ ويهاري ،
سڏي ڪيرُ !

٥- قرض تنهنجو ”جيون“ عمر ڀر نہ لهندو ،
نڀل تي ديا ڪر ، مهر مان نهاري.
سڏي ڪير ؟

پنجن (٧) راڳ پيروي

سنڌيءَ جو شانُ اوچو ، اُڀتي آڄان به ليندو ،
دِلِ لاهه نه ڪانه دلبر ، سو وقت جلد ايندو ؛

١- جتِ ڪِٿِ آ تُنهنجو واسو ، هند سنڌ ۾ تنهنجو ڏاڪو،
پرديس ۾ سڄڻ پڻ ، نيڪي ۽ نانءُ تُنهنجو ؛
جي قرب ڏيندين ٻئي کي ، خوش ٿي گُلي سان لڳندو-
سنڌيءَ جو شان.....

٢- جهوني سڀيه سيتا ، ويدن جي والي تُنهنجي ،
چا لاءِ تو ڀُلائين ، ٻولي آبائي پنهنجي ؟
ڌرتي ۽ ڳانءُ پنهنجو ، سڀڪي سُلو ئي سُهندو !
سنڌيءَ جو شان.....

٣- ٻرٽرُ هجي يا جُهر جهنگ ، وادي هجي پهاڙي ،
ڪيتِي ڇڏي نه هاريِ ، تو ڪيئن سنڌ وِساري ؟
هن پار ڪو سڏي تو ، آهي ملڻ لئه ماندو !
سنڌيءَ جو شان.....

٤- مِلڙي زبان سنڌي ، آهي پڇاڻ پنهنجي ،
ورثي مِلي جا توکي ، لهه سارَ ملڙا تنهنجي ؛
جند جان سانُ ”جيون“ قائم سدائين رکندو !
سنڌيءَ جو شان.....

پڃن (١٠) راڳ : آسامند

اڄو لڳايون، لال جا ميلا ،
ڳايون گيت، رسيلا، جوتين وارا !

١- يادِ آ هردم جوتين وارو ،
جهولڻ سائين سنڌين جو پيارو ؛
گڏجي ڳايون لال جا پنجڙا. ڳايون گيت.....

٢- جهانڪيون لال جون خوب سَجايون،
ڀڳتن ڪان ڀڳتيون وجهرايون ؛
چيٽي-چنڊ تي، خوب نچون ٿا. ڳايون گيت.....

٣- ڪٿي نہ سنڌ مان ڪُجهہ آياسُون ،
محنت سان سَڀُ حاصل ڪيوسُون ؛
جهولڻ رکندو سڀ جا ننگڙا . ڳايون گيت.....

٤- آئي مُند بهار سڀن لئہ ،
گڏجي چَئُہ سَڀُ جهوُلڻ جي جئہ ،
جهولڻ ڪر تون مهر جي ورڪا. ڳايون گيت.....

٥- سنڌي 'سنڌيت' ڪين وِساريون ،
سنڌي ٻوليءَ کي نہَ ڌڪاريون ؛
ٺڏهن تہ ”جيون“ لڳندا پيارا. ڳايون گيت.....

پنجن (٩) راڳ : پيروي

مسافر آ ھرڪو، سدا ناھ رهڻو،
هتين خالي اچڻو، ڪٿي ڪجھ نہ وڃڻو،

١- نہ ڪم ايندا بنگلا، نہ موٽر، نہ ماڙيون،
زمين زر ءِ ملڪيت، هتي سڀ ڪي ڇڏڻو. مسافر...

٢- نہ شيخي، نہ پيري، نہ رهندي اميري،
جڏهن ڪال ايندو، تڏهن پوندو هلڻو، مسافر...

٣- نہ حاڪم جي اڪڙ، سدا آهِ هلڻي،
ظلم جو لهيل ڪوٽُ، هڪ ڏينهن آ ڍهڻو. مسافر...

٤- بدي آهِ خواري، سچو ڀهڻو نيڪي،
ڇڱائي ڪندو جو، اُنهيءَ نانءُ لهڻو. مسافر...

٥- سمندر جي پاڻيءَ سان ڪيتي نہ ٿيندي،
نديءَ جو ملو جلُ، سدا ڪم آ اچڻو. مسافر...

٦- بنا موھ ممتا، گذر ڪر تون ''جيون''،
سداچار محبت، اَملھ موتي ڀهڻو. مسافر...

ڀڄن (١٢) راڳ : ڀوپالي

هري ڪرشن هري رام ،
راڌي شيام - راڌي شيام.

١- راتيان ڏينهان، آهِ زبان تي ،
شيام مُراري، تنهنجو نامُ . هري ڪرشن.....

٢- من ۾ پِي تون، تن ۾ پِي تون ،
ڪونه سجهي تو، ٻيو ڪو ڪام. هري ڪرشن.....

٣- گلي گليءَ ۾ ڳايان ڳڻ مان ،
پهچي ويندس تنهنجي ڌام. هري ڪرشن.....

٤- ڪنهن ملي سان نام جپيان مان ،
ناهي چئن، نڪو وِسرام. هري ڪرشن.....

٥- لوڪ مَنائن فقط جنم-ڏينهن ،
توکي منايان نِسِ ڏينهن جام. هري ڪرشن.....

٦- شيام جي رنگ ۾ رَتلُ آ "جيون"
لوڪ پلي ڪَنِ مون بدنام. هري ڪرشن.....

ڀڄن (۱۱) راڳ : ڀيروي

سچو سان ڪيئن رَکان نالو،
خبر ناهي ڪِٿي آهي ؟

۱- ڇَون ٿا ڪي، هلو ڪاشي، هلو گوڪل، هلو مٿرا،
جتي گنگا ۽ جمنا جي، پوِترِ جل وهي ڌارا،
اُتي محبوب پڪ ملندو، منش هڪوار پڻ ڪاهي.
سچو سان ڪيئن.....؟

۲- ڇَون ٿا ڪي ؛ ايوڌيا ۾، وَسي ٿو رام ڀڳتن جو،
هلو هرِدُوارُ، بندرابن، اُتي ڀڳون فقط مِلندو،
الڳ پنٿن، الڳ ڀڳتن، ڇَڏيون راهون، الڳ ناهي.
سچو سان ڪيئن.....؟

۳- ڪِٿي ڪَنِ جاپُ اَمبي جو، ڪٿي دُرگا ۽ سنتوشي ،
ڪِٿي لڪشمي لئي پوڄا، ڪِٿي دُرگا مهاڪالي ؛
بڻائي بت، الڳ چهرا، ڇَڏيو مَنَ کي آ اُلجهائي.
سچو سان ڪيئن.....؟

۴- ڇون ٿا ڪي ؛ وَسي دلبر، سچو خالق ٿو ڪَلِ ڪَلِ ۾،
اِلاهي نوُر چمڪي پيو، نظر ڦيرائي ڏِسُ مَنَ ۾ ؛
لِکل دِلبر اندر ”جيون“، نہ توکان هوُ جُدا آهي.
سچو سان ڪيئن.....؟

پچن (١٤) راڳ : ڀيروي

تو بن ساجن ڪيئن مان گهاريان ؟
راتيان ڏينهان دلبر ساريان ؛

١- سانس ۾ آن؛ توکي سانديان ،
تو بنِ ٻئي کي، ڪين ڀي چاهيان ؛
يادِ ۾ تنهنجي گيت تنواريان۔ تو بن ساجن...

٢- دِلڙي توسان نيهن لڳايو ،
اکڙين تنهنجي آهِ ليايو ؛
جلدي اَچُ تون، واٽ نهاريان۔ تو بن ساجن...

٣- پل پل تنهنجي ياد ستائي ،
تو بنِ دِلِ کي ڪُجهُ نا ڀائي ؛
ڪيئن مان مِلڙيون ڳالهيون وِساريان۔ تو بن ساجن...

٤- سائين عيبن هالي آهيان ،
دولڙ ڪيئن مان سينو ساهيان ؟
هنجوُن سِڪ ۾ تو لئه هاريان۔ تو بن ساجن...

٥- تنهنجي پيار جي آهيان ٻاندي ،
"جيون" تو بنِ دِلڙي ماندي ؛
پيار جا هنڌن ڀالهي ٻاڙيان۔ تو بن ساجن...

ڀڄن (١٣) راڳُ ڀيروُ

رَمز ڏسيو ڪا سرتيون، رانولُ ڪيئن ريجهايان ؟
جاپ جَپيان مان ڪهڙو، پريتم ڪيئن پرچايان !

١- ڪانگل منهنجو ليائو، ساجن ڪي پهچائج ،
راتيان ڏينهان تُنهنجي، ويلي راهه نِهاريان. رَمزَ...

٢- ڪڏهن تون ايندين پريتم، ڏيرجُ ڏي ڪو دِل کي ،
دَرسن لئه مان دلبر، روزِ ٿي ڦاروُن پايان. رَمزَ...

٣- ڪانڌَ سين جا موليا، خوش سي سرتيون ڏِسجنِ ،
تو بنِ ساجن ڪيئن مان، ڪهڙي مُنهن سينگاريان؟ رمز..

٤- ڏنَ اهڙي ڪي ٻنِ ڏيان، جنهن جُدا ڪيو پريتم،
ڪِپي نه موکي ڀيو ڪُجهه، ساجن تان سڀُ گهوريان. رمز..

٥- موهيو توکي لڪشمي، ٻڌجي وئين نِرموهي،
تنهنجي سِڪَ ۾ سائين، ڏهه ڏهه ڳوڙها ڳاريان. رمزَ...

٦- قسم آ توکي مُنهنجو، موٽُ سگهو تون ''جيون''،
پاڙج نه پنهنجو وَعدو، دَرسُ فقط ٿي چاهيان. رمزَ...

ڀڄن (۱۵) راڳ: ڀيروي


مهر ڪري اڄ جهولڻ سائين،
سڀ کي لالڻ پيارو آهين؛

۱- چيلي چنڊ تي خوب ملهايون،
جهانڪيون تنهنجون سُهڻيون سجايون،
آس سڀنِ جي سدا پڄائين. مهر ڪري.....

۲- آسَ رکي جي اَچنِ ٿا تو دَر،
خالي جهولي اُنهن جي تون ڀرِ
تنهنجا ڀنڊارا ڀريل سدائين. مهر ڪري.....

۳- سُمت سچي ڏي، جوتينِ وارا،
پيارُ سڀن کي ڪَريون ڏُلارا؛
دَردِ وَندنِ جا ڏکڙا لاهين. مهر ڪري.....


۴- سِڀَ کي شَلَ هِڪَجهڙو ڀانيوُن،
”جيون“ سَڀَ سان ميلاپُ رَکون؛
لالڻ ڀلو تو سَڀَ جو چاهين. مهر ڪري.....



- سماپت -

PRIYUN JE PAAR

पिरीअं जे पार



ڪشور ڀوڄا ”جيون“

☆ جنم جي تاريخ : ۵ جنوري ۱۹۲۲

☆ جنم جي جڳهه : ڳوٺ : مولاداد (جيڪب آباد، سنڌ)

ساهتڪ يوگدان :

☆ ”ڪمزور ڪڙيون“ (خطن ۾ ناوليٽ)

☆ ”لاڄ“ (سماجڪ ناول شرڻارٿي جيون تي)

☆ ’منهنجي ناني‘ ۽ ”فيصلو“ (۲ ٻال ڪهاڻيون مجموعا)

☆ ”الا منهنجي دل تي جلي“ (ريڊيو ايڪانڪيون)

☆ ”روشن مستقبل“ ”ڪروڌي“ ”پڪڙيل موتي“
۽ ”گهمنڊي“ (چار ڪهاڻين جا مجموعا)

☆ ”جيون جوت“ (غزلن جو مجموعو)

☆ ”سڄ جي جئہ“ (مهاڀارت ٻال ڪويتا ۾)

☆ ”ايوڌيا ڪانڊ“ (رامائڻ ٻال ڪويتا ۾)

☆ ”پرينءَ جي پار“ (گيتن جو مجموعو)

روي راج پبليڪيشن

1/145، پرتاپ نگر هائونسگ بورڊ ڪالوني،

اُدي پور- 313 001